# چڙواڳي ڪي وڌائڻ ۾

# سول سوسائٽي جو ڪردار

سول سوسائٽي جو اڄڪلهه اسان وٽ وڏو چرچو آهي، وڏن شهرن کان ٽيندي هاڻ ته اهو اسان جي ننڍن ننڍن شهرن تائين پڻ پهچي چڪو آهي. سيڪيولر دانشور، صحافي ۽ اين جي اوز ڪلچر جا ملازم پاڻ کي روشن خيال ۽ ترقي پسند سول سوسائٽي جا نمائيندا سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا، ۽ هو سمجهن ٿا ته صرف اسين سڌريل، روشن خيال، ترقي پسند ۽ انسان دوست آهيون، باقي ٻيو سمورو معاشرو چٽ، مدي خارج، دقيانوس، ظالم ۽ اڻ سڌريل آهي.

حقيقت اصل ۾ هيءَ آهي ته جديد مغربي تهذيب، ماضي قريب ۾ هڪڙو جديد معاشرتي علم تخليق ڪيو ان جديد معاشرتي علم انسانن کي نيون اصطلاحون سيکاريون آهن. اهي جديد معاشرتي علم جون اصطلاحون، نفسيات، معاشيات، سياسيات، سماجيات ۽ اهڙا ٻيا موضوع آهن. جن جون خاص انداز ۾ سمجهاڻيون ڏنيون ۽ انهن تي نوان بحث مباحثا ڪيا آهن. جيئين معاشيات جا ماهر چون ٿا ته تاريخ جي سفر ۾ ردو بدل جون بنيادي جذبو معاشي آهي. جڏهن ته نفسيات ۾ فرائيڊ جهڙا ماڻهو هر عمل جي پويان جنسي جذبي جي ڪارستاني ڏسندا رهيا آهن.

جديد مغربي تهذيب جو تخليق ڪيل معاشرتي علم واقعي تحقيق جي جوهر سا ته مالا مال آهي. پر پنهنجي تحقيق جي هو خاص انداز ۾ سمجهاڻي ڏيئي ٿو. جنهن مطابق وڌس انساني سماج جهڙي طرح مادي ۽ سائنسي طور ترقي ڪندي هيستائين پهتو آهي، اهڙي طرح انساني اخلاقي



قدر جيئين سچ، ديانتداري، عدل انصاف، واعدو وفا ڪرڻ، انساني دوستي وغيره يا ڪوڙ فريب، گلا ، غيبت ۽ قتل جهڙن سنگين ڏوهن کان بچڻ، انهن کي غير اخلاقي ۽ غير قانوني سمجهڻ جهڙا سڀ اخلاقي ۽ قانوني قدر به وقت ۽ بدلجندڙ حالتن سان گڏو گڏ خود انسان پاڻ تخليق ڪيا آهن. ۽ قديم رواجن رسمن کي ئي مذهبي ۽ ڌرمي روايتن جو درجو ڏنو ويو آهي. اهڙي طرح هر علائقي ۽ قوم جو پنهنجو هڪ خاص مذهب ۽ عقيدو پيدا ٿي پيو ۽ اثر رسوخ وارن ماڻهن مذهبي پيشوائن جو درجو حاصل ڪري ورتو. هن جديد معاشرتي تعليم ماڻهن کي هيءَ خيال پڻ ڏنو ته اڄ به جيڪڏهن ڪجهه نين، رسمن ۽ رواجن بابت ڊگهو عرصو لڳاتار پروپيگنڊا ڪبي رهبي ته اهي به مذهبي درجو حاصل ڪري سگهن ٿيون. هن اصول تي جديد مغربي تهذيب دنيا ڀر ۾ اڄڪلهه ڪارپوريٽ ڪلچر کي رواج ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهي آهي. جيئين پوري دنيا ۾ هڪجهڙو لباس، هڪجهڙي خوراڪ ۽ هڪ جهڙي رهڻي ڪهڻي عام ڪرڻ ۾ رات ڏينهن ڪوشان آهي. هن ڪارپوريٽ ڪلچر جا تي وڏا نمائينده ادارا پوري دنيا ۾ هڪجهڙي عالمي ثقافت کي جنم ڏيڻ ۾ پڻ مصروف آهن. انهن مان به وڏا نمائينده ادارا هڪ تعليمي نصاب ۽ ٻيو ميڊيا آهي. اهو تعليمي نصاب، خاص خاص عالمي هيروز، هڪجهڙيون عالمي ڪهاڻيون، گيت ۽ معاشرتي ماحول اسان جي ٻارن جي ذهنن ۾ ڪچي وهي ۾ ئي ويهاريو وڃي رهيو آهي. سنڊريلا، سنو وائيٽ کان وٺي ڪري اليگزينڊر ۽ ڪنگ ليئر تائين سڀ هڪڙوئي رنگ آهي.

جڏهن ته ميڊيا، ڪارٽونن کان شروعات ڪري ٿي، مڪي ماؤس، ٽام ۽ جيري پنڪ پينٿر کان گذرندي، ويلنٽائن ڊي، مدر ڊي، فادر ڊي ۽ اپريل فول تائين ۽ ڪيتريون ٻيون اهڙيون نيون رسمون عام ڪري پوري زندگي جي ماحول کي بدلايو پيو وڃي. جڏهن ته ڪار پوريٽ ڪلچر جون ٽيون وڏو نمائينده و سول سوسائٽي آهي. جيڪا سيمينارن، فنڪشنن ۽ ڪلبن

ذريعي ڪار پوريٽ ڪلچر کي پکيڙي رهي آهي. اها هڪ اهڙو عالمي ڪلچر کي عام ڪري رهي آهي، جنهن کي دنيا ۾ موجود مختلف مذهبن ۾ ثقافت جو بدل ڪوٺيو وڃي ٿو. جهڙي طرح مسلمان مرڻ واري جي پويان فاتح خواني ڪندا آهن ۽ هندو پرار ٿنا ڪندا آهن ۽ عيسائي گرجائن ۾ عبادت. پر هن نئين ڪلچر مرڻ وارن جي پويان شمعون روشن ڪرڻ جي نئين رسم عام ڪئي آهي يا هيئين چئجي ته پهريان ماڻهو سوچيندا هئا ته سندن پيارا اڳئين جهان هليا ويا آهن ته اتي سندن سک چين ۽ بخشش جي دعا ضروري آهي، ۽ سندن نالي تي نيڪي جا ڪم ڪجن. جيئين ان جو اجورو کين اڳئين جهان ۾ ملندو رهي. هر مذهب جي پيرو ڪارن پنهنجن پيارن جي لاءِ دعائون به گهريون. ڀلائي جا ادارا به کوليا. پر اڄڪلهه سول سوسائٽي مرڻ وارن جي پويان شمعون روشن ڪري ۽ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪري پنهنجن مري ويل وڏڙن جو رشتو اڳئين جهان سان بلڪل ختم ڪري ڇڏيو آهي. اهي رسمون نه رڳو ڪنهن هڪڙي بلڪ دنيا ۾ موجود جملي مذهبن جو بدل بنجي سامهون آيون آهن.

سول سوسائٽي صرف نون رسمن کي عام ڪرڻ تائين محدود ناهي، پر اها ان سموري اخلاقيات تهذيبي قانون جيڪي هن دنيا کي مذهبن عطا ڪيا آهن، انهن سڀني جي مقابلي ۾ پنهنجي نئين اخلاقيات ۽ تهذيبي قانونن جو جديد نظام ڏيئي ٿي. مثال طور اڄڪلهه سول سوسائٽي پوري دنيا ۾ انساني حقن جي نالي ۾، هم جنس پرست جوڙن کي آزادي سان گڏرهڻ جو حق ۽ سندن وچ ۾ شادي جي حق جي پڻ وڪالت ڪري ٿي. ڪو به نينگر يا نينگري پنهنجي مرضي سان ايستائين جو شادي شده جوڙو به کلم کلا فحش حرڪتون ڪري ته اهو روڪٽام جي دائري ۾ ڪونه ٿو اچي. پر جيڪڏهن شادي شده مرد پنهنجي زال سان ان جي مرضي خلاف حق زوجيت پاڙي ته اهو وڻن زنا ۽ جنسي تشدد جي دائري ۾ اچي ٿو ۽ اهڙو مڙس سزا جي مستحق آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو پاڪستان ۾ عورتن جي حقن جي هڪ وڏي



اين جي او اڄ کان ڪجهه سال پهرين اقوام متحده جي گڏجاڻي ۾ هيءَ انگ اکر پيش ڪري هئي ته پاڪستان ۾ 80 سيڪڙو عورتون ساليانو زنا ۽ جنسدي تشدد جو شڪار ٿين ٿيون. ڇو ته انهن کي سندن مڙس پنهنجي مرضي مطابق حق زوجيت ادا ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهن.

دنيا ڀر جي مذهبن جو سڀ کان اهم قانون قصاص يعني قتل جي بدلي قتل جو قانون آهي. ٽيئي ابراهيمي مذهب هن قانون تي متفق آهن ۽ پوري دنيا جي مذهبن ۾ انساني جان جي حرمت جي حفاظت لاءِ قاتل کي موت جي سزا ڏيڻ جو قانون موجود آهي. پر سول سوسائٽي دنيا جو اهو واحد عجيب مذهب آهي، جيڪو قاتل جي جان جي حفاظت جو قانون پوري دنيا تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هاڻ ته قاتل جي جان جي حفاظت جي حق ۾ سندن نعرو ايترو ته طاقتور ٿي چڪو آهي، جو هن دنيا جي ڏيڍ سئو کان وڌيڪ ملڪن ۾ لاڳو ٿي چڪو آهي، ايستائين جو اقوام متحده به هن جي وڏو وڪيل بڻجي چڪي آهي. اهڙا سمورا تصور ۽ خيال جن مطابق موت جي سزا، جنسي زندگي جي پاڪيزگي، غير فطري زندگي گذارڻ کان پرهيز وغيره شامل آهن. ڪنهن به معاشري جا خالص داخلي، تهذيبي ۽ مذهبي معاملا آهن، پر سول ساسائٽي جو ڪمال ڏسو ته انهن معاملن کي به وڻن خارجي پاليسي ۽ عالمي ايجنڊا جو حصو بڻائي ڇڏيو ويو آهي.

موت جي سزا تي عمل در آمد ايئين آهي، جڻ ته اوهين دنيا ۾ هن نئين رواج وجهڻ واري سول سوسائٽي جي مذهب جو انڪار ۽ ڪفر ڪري رهيا آهيون سول سوسائٽي جا نوان رواج اختيار نه ڪرڻ وڻن عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي سمجهيو ويندو آهي. جيئين ايٽم بم ٺاهڻ يا ڪنهن سرحد جي خلاف ورزي ڪرڻ آهي، جهڙي طرح ايٽيمي صلاحيت حاصل ڪرڻ تي پابنديون لڳل آهن، جيڪڏهن ڪير هن قانون جي خلاف ورزي ڪندو آهي ته ڪيس عالمي برادري سان تعلقات ٽٽڻ جو خطرو رهندو آهي، سياسي معاشي ناڪا بندي جو خدشو رهندو آهي. اهڙي طرح ڏوهارين کي موت جي

سزا ڏيڻ ۽ عمل در آمد ڪرڻ تي بہ پابنديون لڳايون ويون آهن. اهو آهي سول سوسائٽي جو ڪارنامو.

پاڪستان ۾ سول سوسائٽي جا نمائيندا پنهنجي عالمي برادري سان يڪجهتي لاءِ پاڪستان جي خار جي پاليسي تي قبضو ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن. پاڪستان جي خارجہ پاليسي تي ڪنٽرول جي جنگ وڙهي رهيا آهن. جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ اجان سول سوسائٽي هڪڙي محدود انگ ۾ آهي، پر هر نئين ڏينهن بينر هٿن ۾ ڪنيل هل هنگامو ڪندي نظر اچن ٿا. انهن مان اڪثر ڊونرن جي امداد تي پلجڻ وارا اين جي اوز جا ملازم هوندا آهن. انهن کي مغربي سفارتخانا ۽ عالمي ڊونر گذريل ٽيهن سالن کان لڳاتار استعمال ڪري رهيا آهن. پاڪستان پوري دنيا جي ملڪن مان واحد ملڪ آهي، جيڪو سول سوسائٽي جو اهم نشانو آهي. ڇاڪاڻ تہ پوري دنيا ۾ واحد پاڪستان ملڪ آهي جيڪو اسلام جي نظرياتي بنياد تي ٻيٺل آهي. يا هيئين چئجي تہ اسلام جي نالي تي قائم ٿيو آهي. سول سوسائٽي جا وڪيل، صحافي ۽ دانشور گذريل پنجاهہ سالن کان پاڪستان جي ٽٽڻ جا خواب ڏسندا رهيا آهن.

افغانستان جي جنگ ٽيهن سالن کان جاري آهي. جتي پشتون، ازبڪ، تاجڪ ۽ ترڪ جهڙا ڪيئين نسل موجود آهن، پر انهن کي ڪير ڪونہ ٿو چوي تہ اهو ٽٽي ويندو، پر پاڪستان جا سول سوسائٽي جا نمائيندا پنهنجين تحريرن ۽ تقريرن ۾ پاڪستان جي ٽٽڻ جون روز نيون تعبيرون ۽ تشريحون ڪري عوام کي گمراه ڪري رهيا آهن. ڪجھ ڏينهن پهرين جو واقعو آهي، ستن سالن جي ٻار جي قاتل شفقت حسين سان سول سوسائٽي جي همدردي ۽ موت جي سزا معاف ڪرائڻ لاءِ سندن واويلا ڏٺو سين. مون کي ذرو بہ حيرت ڪو نہ ٿي،کهڙي بي شرمي سان عمر ۾ هيرا ڦيري ۽ ڪوڙو سرٽيفڪيٽ پيش ڪري عوام ۽ ڪورٽ کي گمراھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. مقصد ڇاهو؟ محض هيء مقصد هو تہ قاتل جي جان جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ مقتول جو خون لوڙهي ڇڏجي. پاڪستان جي



پوري عدالتي نظام کي مذاق بنائجي. اهو بہ هڪ اهڙي موڙ تي جڏهن پاڪستان هيء طئي ڪري چڪو آهي تہ دهشت گردي ڪهڙي بہ رنگ ڍنگ، نسل زبان، علائقي يا مذهب جي نالي تي ڪئي وڃي، اها هر حال ۾ دهشت گردي آهي سول سوسائٽي الائي ڇو قاتل کي موت جي سزا ڏيڻ ۽ فحاشي جي روڪٿام جي قانون کي پنهنجي بي عزتي ۽ توهين سمجهي ٿي.؟ ويٽنام کان وٺي افغانستان ۽ عراق تائين ڪروڙين ماڻهو بمن بارود ۽ گولين جو شڪار ڪيا ويا، انهن جي همدردي ۾ هڪ حرف بہ ڪونہ ٿي ڪڇي ڇو؟ ياد رکو! اهو وقت قريب آهي جڏهن قوم فيصلو ڪندي تہ ارڙهن ڪروڙ ماڻهو سول يعني سڌريل آهن يا مغربي ڊونرن جي خيرات تي پلجندڙ اهي سول سوسائٽي جا چند ماڻهو. فيصلي ۾ گهڻي دير ناهي.

# آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ نئين مفاهمت

## ۽ عالم اسلام تي ان جا پوندڙ اثرات

اڄڪلهہ ايران ايٽمي صلاحيت کان دستبرداريءَ جو اعلان ڪري رهيو آهي ۽ آمريڪن ٿنڪ ٽينڪ سان طئي ٿيل معاهدو سياسي، سماجي توڙي علمي حلقن اندر بحث جو موضوع بڻيل آهي. ايران جي ايٽمي پروگرام کي محدود ڪرڻ لاءِ ايران ۽ پي فائيو پلس ون جي وچ ۾ هڪ فريم ورڪ جوڙيو ويو آهي. جيڪڏهن انهيءَ فريم ورڪ جي پس منظر ۾ وڃبو تہ اصل ۾ اهو هڪ ڳجهو معاهدو آهي، جنهن جو بنياد سال 2004ع ۾ پيو.

آهستي آهستي ايران جي ايٽمي پروگرام تي عالمي تنقيد جو ٽيمپو وڌندو رهيو. ايٽامڪ ڦهلاءُ خلاف آءِ اي ئي اي هر موڙ ۽ هر موقعي تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي رهي. ايران جي ايٽامڪ اينرجي پروگرام جي رد عمل ۾ ايران مٿان عالمي پابنديون عائد ڪيو ويون، ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڌمڪين، تلخ ڪلاميءَ ۽ هڪٻئي کي چتاءَ ڏيڻ جو سلسلو پڻ جاري رهيو، نہ رڳو ايترو پر اندروني طور تي ايران کي ايٽمي صلاحيت تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ مائيڪرو پلان جوڙيو ويو ۽ تقريباً 17عدد نشستون منعقد ڪيون ويون، نيٺ انهن نشستن جو خاطر خواهہ نتيجو اهو نڪتو جو 12 اپريل 2015ع تي ايران ۽ پي فائيو پلس ون جي وچ ۾ فريم ورڪ جوڙيو ويو آهي، ليڪن اهو سڀ ڪجهہ اوچتو يا اتفاقي ناهي.ايراني وزير خارجہ ظريف جواهہ ۽ يورپي يونين جي هاءِ ڪمشنر جي وچ ۾ جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي، سا اچانڪ نہ آهي، پر اها 11سالن جي ڪوششن ۽ ڪاوشن جو نتيجو آهي، رڳو ان وچ ۾ شخصيتون يا ائين ڪٿي چئجي تہ چهرا بدليا رهيا آهن.



آمريڪا جي انٽيليجنس اداري سي آءِ اي جي وڏ ۾ وڏ ڪوشش هئي تہ ايران جي ايٽمي پروگرام کي هر صورت ۾ روڪيو وڃي، ائين ڳالهين جا رائونڊ ٿيندا رهيا، ليڪن تقريباً ڏهن رائونڊن کان پوءِ آمريڪن ڪانگريس ڦاٽ ڪاڏو ۽ سخت بيان جاري ڪندي چيو تہ ايران ايٽمي پروگرام تي ڳالهيون نہ ٿو مڃي تہ ان جي نتيجي ۾ ايران، معاشي طرح ڪنگال بڻايو ويندو ۽ مٿس سخت عالمي پابنديون لاڳو ڪيون وينديون، جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو تہ هينئر ايران پنهنجي نيو ڪليئر پروگرام تحت يورينيم ۽ پلاٽينيم جي ويهہ سيڪڙو افزودگي ڪري رهيو آهي. جيڪا هڪ لمٿ آهي ۽ عالمي قانونن موجب جائز آهي_ چو تہ هونءِ بہ بجليءَ جي پيداوار لاءِ ٽي يا چار سيڪڙو افزودگي گهربل هوندي آهي، لهاذاً آمريڪا اهو نہ پيو چاهي تہ ايران ڪنهن بہ سطع تي يورينيم جي افزودگيءَ جي ريڊ لائين ڪراس ڪري، ان لاءِ آمريڪا طرفان پهريان ايران تي عالمي پابنديون لاڳو ڪيون ويون. انهن پابندين جو ايراني عوام تي تمام برو اثر پيو_ ايراني تمن جو ريٽ ڪيرائي، اتان جي ڪرنسيءَ جي ستيا ناس ڪٿي وئي، ايران ۾ وسندڙ شهرين جو معيار زندگي عدم استحڪام جي ورچڙهي ويو. جڏهن ايراني حڪومت ان تلغ حقيقيقت جو تاءُ محسوس ڪرڻ لڳي تہ بالآخر ڳالهين جي ٽيبل تي آئي ۽ نتيجي ۾ ايران ۽ پي فائيو پلس ون فريم ورڪ جنم ورتو آهي، جنهن جا ٽي نقطا نهايت ئي توجهہ طلب آهن ۽ ايران لاءِ وڏ ۾ وڏ هاڃيڪار نتيجن جو باعث بڻجي سگهن ٿا.

1  ايران جو نيو ڪليئر پروگرام يورينيم جي 3 کان 4 سيڪڙو افزودگيءَ جي وچ ۾ هوندو، جيڪو صرف بجليءَ جي پيداوار لاءِ مخصوص هوندو.

2  ايران پنهنجي ايٽمي ري ايڪٽرز ۽ سينٽري فيوجز جي تعداد کي نہ وڌائيندو ۽ نوي سيڪڙو يورينيم جي افزودگي ايران لاءِ ممنوع هوندي .

3 . ايران انسپيڪشن جي معاملي ۾ (IAEA) جي تحقيقاتي ٽيمن سان هر طرح تعاون ۾ رهندو ۽ ڪا به ايٽمي سرگرمي آف دي رڪارڊ نه رکندو، نه وري انسپيڪشن جي ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندو.

جڏهن ايران انهن شرطن تي پابنديءَ سان عمل ڪندو تڏهن ئي ايران جا منجمند اثاثا بحال ڪيا ويندا ۽ ان تي عائد عالمي پابنديون هٽايون ويندون_ ايران ۽ پي فائيو پلس ون فريم ورڪ جي قانوني ضابطن ۽ آئيني گهرجن پٽاندڙ ايران پنهنجي ايٽمي صلاحيت تان هٿ کڻي چڪو آهي ۽ جون 2015ع جي عرصي ۾ ايران جو آمريڪا سان جوهري معاملي تي هڪ معاهدو ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ وڏ کان وڏ نقصان ايران جو نظر اچي رهيو آهي. هاڻي ايران جي ايٽمي طاقت هجڻ وارو باب بند ٿي چڪو آهي. اڄ ايران ۾ جيڪا حسن روحانيءَ جي نئين حڪومت آئي آهي، اهو صاحب پنهنجي انتخابي مهم ۾ ئي واضح ڪري چڪو آهي ته ايران کي خوشحال بڻايو ويندو، ايران جي معيشت بحال ڪئي ويندي، ايران تان پابنديون هٽايون وينديون ۽ منجمند ٿيل اثاثا بحال ڪيا ويندا، ان حقيقت مان با آساني سمجهي سگهجي ٿو ته آمريڪا ايران کي ڪيئن بليڪ ميل ڪيو آهي ۽ ان بليڪ ميلنگ ۾ ايران عزت ۽ شهرت وڃائي،آمريڪي ڊالر تي هرکجي پيو آهي.

ڪجهه عرصو پهرين ايران ۽ آمريڪا جي دشمنيءَ جا قصا هلي رهيا هئا. ايران آمريڪا کي شيطاني بزرگ چوندو هو ۽ آمريڪا ايران کي ڪچو چٻاڙڻ جون ڌمڪيون پئي ڏنيون، ان عرصي دؤران آمريڪن ٿنڪ ٽينڪ ڊبل گيم کيڏي، ايران کي لائين تي آندو. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته ايران جي ايٽمي پروگرام تان دستبرداري آمريڪا جي سئو سيڪڙو ( Win Win ) پوزيشن آهي. آمريڪي صدر باراڪ اوباما ايران سان جوهري معاهدي کي سفارتي ڪاميابي قرار ڏئي رهيو آهي. ان معاملي تي اسرائيل جا آمريڪا سان اختلاف سامهون آيا آهن. ليڪن آمريڪا ۽



اسرائيل وچ ۾ ڳجهيءَ طرح اهو طئي ٿيل آهي ته آمريڪا ايران کي پي فائيو پلس ون فريم ورڪ ذريعي عالمي معاهدي جي ذريعي اهڙي سطح تي آڻيندو جو ايران جو ايٽمي پروگرام ناڪاره بڻجي ويندو ۽ ان سڄي منظر نامي ۾ اسرائيل کي محض شور ۽ غوغاءُ ئي ڪرڻو آهي. يعني هڪ طرف ايران ۽ آمريڪا ايٽمي نان پرولفريشن معاهدي طرف وڌي رهيا آهن ته ٻئي طرف ساڳيو آمريڪا ڊبل پارٽ ۾ اسرائيل آمريڪا ڳٺ جوڙجي صورت ۾ نظر اچي ٿو.

اسرائيل جي انٽيليجنس اداري موساد صرف ڪروڙين روپيا ان لاءِ خرچ ڪيا آهن ته ايران ايٽم بم ٺاهڻ واري ريڊ لائين ڪراس نه ڪري سگهي، پر حقيقت هيءَ آهي ته ايران وٽ فقط 20 سيڪڙو افزودگيءَ جي صلاحيت آهي، جڏهن ته ايٽم بم ٺاهڻ لاءِ 90 سيڪڙو يورينيم افزودگي گهربل هوندي آهي، جيڪا موجوده حالتن ۾ ايران جهڙي پابنديون پيل ملڪ لاءِ نا ممڪن جي حد تائين غير يقيني آهي. آمريڪا جنهن عراق ۽ لبيا کي طاقت جي زور تي ايٽمي صلاحيت حاصل ڪرڻ کان روڪي ورتو، سو اڄ ايران کي معاهدن ۾ ڦاسائي رهيو آهي. آمريڪا ۽ ان جي اتحادي ملڪن ۾ خاص طور تي انگلينڊ، فرانس، جرمني، ڪيناڊا ۽ سئيٽزرلينڊ جهڙن ملڪن ۾ يهودي لابي تمام گهڻي مضبوط آهي. اڄ آمريڪا ۽ ان جي اتحادي ملڪن جي انتخابي عمل، فيصلا سازي ۽ قانوني جوڙ جڪ ۾ به يهودين جو وڏ ۾ وڏ عمل دخل آهي. جيڪڏهن پي فائيو پلس ون فريم اڳتي هلي، ايران آمريڪا جوهري معاهدي جي شڪل اختيار ڪري وٺي ٿو، جنهن جا وڏ ۾ وڏ آثار نظر اچن ٿا ته يقينن ان ۾ يهودي لابيءَ جي رضا مندي ضرور شامل هوندي. اڄ به ايران جو گهڻي کان گهڻو وڻج واپار يورپي يونين، ايشيائي ملڪن، چين، روس، هندوستان ۽ پاڪستان سان ٿئي ٿو، پر ايران

معاشي پابندين کان تنگ اچي اهڙي روش ڇو اختيار ڪئي؟ ڪجهہ سياسي اخبارن جو ان حوالي سان اهو خيال آهي تہ ايران طرفان پنهنجو نيوڪليئر پروگرام رول بيڪ ڪرڻ وارو عمل آمريڪا ايران دوستاڻي فارمولي جو نتيجو آهي. آمريڪا ۽ ايران جي دوستي تمام پراڻي آهي. جيڪڏهن اها دوستي مجوزه معاهدي جي نتيجي ۾ وڌيڪ جٽادار بڻجي ٿي تہ ايران ۾ 36 سال پهريان وارو دؤر واپس اچي سگهي ٿو. جڏهن رضا شاهہ پهلويءَ جي دؤر ۾ ايران کي ڏکڻ ايشيا ۾ ٿاڻيدار واري حيثيت حاصل هئي،يقين اچ آمريڪا کي ايران ئي ان ماضي ڪم آيو آهي.

آمريڪا جي انٽيليجنس اداري سي آءِ اي جي سازشن جو پاندو ڦاڙيندي لکي ٿو تہ آمريڪا سي آءِ اي جي جاسوسن وسيلي وچ اوڀر ۾ ڊبل گيم پاليسي کيڏي رهيو آهي. هو اقتدار جي لالچ ڏئي مسلم ملڪن کي پاڻ ۾ ويڙهائي مسلم امت جي اتحاد کي ٽوڙڻ چاهي ٿو ۽ آمريڪا گريٽر اسرائيل جي راهہ هموار ڪرڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن آمريڪي صحافي نير روزن جي تازه ترين تجزيي جي تناظر ۾ ويجهو تہ ان جو بيڪ گرائونڊ ٻي عالمي جنگ آهي. جنهن کان پوءِ آمريڪا دنيا جو اڪيلو سپر پاور بڻيو ۽ ٻي ڪنهن بہ قوت کي اسرڻ کان اڳ ڪچلڻ واري آمريڪي حڪمت عملي مختلف هنڌن تي پنهنجا ڀيانڪ منظر ۽ مظهر ڏيکارڻ شروع ڪيا.

1945ع کان 2015ع تائين عالمي سياسي صورتحال ۾ آيل اٿل پٿل ۽ نتيجن مان معلوم ٿيو آهي تہ آمريڪا مسلسل ان ڪوشش ۾ رهيو آهي تہ مسلم دنيا جي سپر طاقت کي اسرڻ کان اڳ ۾ ئي پاڻ ۾ ويڙهائي نهوڙي ناس ڪيو وڃي. اڄ آمريڪن ٿنڪ ٽينڪ مسلم ملڪن جي اڪثر حڪومتن کي ترپ جي پتي وانگر کيڏڻ جي عادي بڻجي چڪي آهي ۽ هاڻي نيٽو جي هٿيارن جو رخ مسلم ملڪن ڏانهن آهي. چاڪاڻ تہ آمريڪا مسلم دنيا



اندر منظم پروپيگنڊا جي بنيادن تي جنگيون ڪرائي،هٿيارن جي ڪاروبار بلڪ گورک ڌنڌي مان ڪارو ناڻو ڪمائي رهيو آهي ۽ ملڪن جا ملڪ ان جنگي جنون جي ور چڙهي رهيا آهن. آمريڪا جي مرضيءَ تحت مسلم ملڪن جون حڪومتون قائم ڪيون وڃن ٿيون يا مسلم ملڪن ۾ برپا شهنشاهيتون ڪوليپس ڪيون وڃن ٿيون. اڄ آمريڪا ۾ هٿيارن جي منڊيءَ تي يهودين کي پيٽنٽ رائيٽ حاصل آهي. يهودي لابي آمريڪا جي پوري مارڪيٽ اڪاناميءَ تي ڇانيل آهي ۽ ان لابيءَ کي ملڪن جي حڪومتن تي پڻ ڪنٽرول حاصل آهي. يهودي جن کي ايڊولف هٽلر ڪچليو هو ۽ آئنده لاءِ سٺي سبڪ ڏني هئي، سي اڄ پنهنجي ڊائسپورا جو بدلو چڪائڻ لاءِ خاص سازشن ۽ هٿ ڪنڊن ذريعي سڄي دنيا ۾ قوت حاصل ڪري رهيا آهن. اهي ساڳيائي يهودي آهن جن پهرين ۽ ٻي مهاڀاري جنگين ۾ مختلف محاذن تي وڙهندڙ ڌرين کي ٻنهي پاسي جاسوسي ۽ لاجسٽڪ سپورٽ فراهم ڪري رهيا هئا. تاريخ جي روان دوان سفر ۾ يهودي پنهنجي ان پراڻي منافقت ۽ ٻٽي پاليسيءَ توڙي ڊپلوميسيءَ کان هڪڙو پير بہ پوئتي نہ هٽيا آهن.

اڄ دنيا اندر جنگي جنون کي جنم ڏيڻ لاءِ Mittary Industrial Banking Camplex يهودين لاءِ روزي روٽيءَ جو ذريعو بڻجي وئي آهي. هٿيارن جو وڪرو سٽيو گراهہ آهي ۽ ان مان يهودي جهجهو ناڻو ڪمائن ٿا ۽ بعد ۾ غريب ۽ پٺتي پيل ملڪن کي امداد جي نالي ۾ وياج تي قرض ڏين ٿا ۽ غلام بڻائن ٿا. موجوده عالمي سياسي صورتحال جون نزاڪتون ۽ تازه ترين سيناريو اهو واضع ڪري ٿو تہ اسرائيلي انٽيليجنس ادارو موساد، آمريڪي سي آءِ ي ۽ ايراني سواڪ جي پاڻ ۾ ڳٺ جوڙ پڻ آهي ۽ سندن سياسي شطرنج جي بساط وچ اوڀر جا ملڪ آهن. جنهن ۾ ايران کي خاص طور تي استعمال ڪيو پيو وڃي. تازو ايراني صدر جي مشير ميڊيا تي بيان

ڏنو آهي تہ ايراني هڪ عظيم قوم بڻجڻ طرف وڃي رهيا آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ بغداد پر شين ايمپائر جي دارالحڪومت هوندو. ان بيان مان ظاهر آهي تہ ايران جو آمريڪي ڊبل گيم ۾ شاهہ شطرنج وارو رول آهي ۽ ايران آمريڪي آشيرواد سان وچ اوڀر ۾ شيعن جي عملداري وڌائڻ گهري ٿو ، مطلب ايران وچ اوڀر ۾ عراق، شام، لبنان، فلسطين ۽ يمن تائين هڪ شيعا ڪريسنٽ مڪمل ڪرڻ چاهي ٿو ، ان پس منظر ۾ ايراني صدر جي مشير جو بيان بهرحال بامعنيٰ نظر اچي رهيو آهي ڇاڪاڻ تہ يهودين ۽ عيسائين جي اهائي منشا آهي تہ ٽين عالمي جنگ وچ اوڀر ۾ سا بہ ايران ۽ عرب ملڪن وچ ۾ نج فرقيواريت جي بنيادن تي وڙهي وڃي ۽ اهي ان مذموم مقصد جي حاصلات لاءِ ايران کي پنهنجي بغل بچہ طور استعمال ڪري رهيا آهن، جنهن جا مستقبل قريب ۾ خطرناڪ نتيجا نظر اچي رهيا آهن.



علامہ محمد اسد

# اسلامي دنيا چؤواٽي تي
## ۽ سنڌن بهتر رهنمائي جي صورت

تاريخ ۾ انسانيت ورلي ڪڏهن اهڙي ذهني ڪرب ۽ بي چينيءَ ۾ مبتلا رهي آهي، جهڙو اسان جي هن دور ۾. اڄ اسان جو واسطو مسئلن جي هڪ اهڙي انبار سان پيو آهي، جنهن جو ماضيءَ ۾ ڪو مثال موجود ڪونهي. هر ملڪ ۾ معاشرو بنيادي تبديلين مان گذري رهيو آهي، جن جي رفتار هر هنڌ مختلف آهي پر انهن کي روڪڻ ممڪن نہ آهي.

اسلامي دنيا بہ انهن تبديلين کان خالي نہ آهي. هتي بہ قديم طور طريقا ۽ پراڻا رسم و رواج هوريان هوريان بدلجي رهيا آهن ۽ نوان نقشا انهن جي جاءِ وٺي رهيا آهن. اها نالي جي ” ترقي “ اسلامي دنيا کي ڪيڏانهن وٺي ويندي، ان ۾ ڪيتري گهرائي آهي ۽ اسلام جي ڪلچر ۾ اهي تبديليون ڪيئن فٽ ٿي سگهن ٿيون، ان تي غور ۽ فڪر جي ضرورت آهي.

مون کي اها دعويٰ تہ نہ آهي تہ تہ هن ننڍڙي ڪتاب ۾ انهن سمورن سوالن جو جواب ڏنو ويو آهي، پر هڪ اهم سوال يعني مسلم دنيا کي مغربي تهذيب جي مقابلي ۾ ڪهڙو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي، ان تي بحث ڪيو ويو آهي. ان مضمون جي وسعت ۽ گهرائي مجبور ٿي ڪري تہ اسين اسلام جي ڪن بنيادي نڪتن جو جائزو وٺون. خاص طور”سنت جو اصول“جو موضوع تہ نهايت وسيع آهي، پر اسين هن ڪتاب ۾ ان جو مختصر جائزو پيش ڪري رهيا آهيون. اميد تہ مسقبل ۾ لکڻ وارا ان ضروري مسئلي تي تفصيل سان لکندا.

هاٽي ڪجهہ پنهنجي باري ۾........... چاڪاڻ تہ مسلمان اهو حق رکن ٿا تہ ڪو نو مسلم کين خطاب ڪري تہ ڪائنس معلوم ڪن تہ هن اسلام ڪهڙين حالتن ۾ قبول ڪيو.

مون 1922ع ۾ پنهنجو اباڻو وطن آسٽريا ڇڏيو. ان زماني ۾ آئون يورپ جي ڪن خاص اخبارن جي نمائندي طور آفريڪا ۽ ايشيا جي ڪن ملڪن ۾ ڪم ڪندو هوس. بعد ۾ مون سموري زندگي اسلامي مشرق ۾ گذاري ڇڏي. شروع ۾ جن قومن سان واسطو پيو انهن ۾ منهنجي دلچسپي ۽ تجسس هڪ ڌارئي شخص جهڙو هو. پر اسلامي ملڪن ۾ آئون زندگيءَ بابت هڪ نئين سوچ ۽ عجيب طرز فڪر ڏسي رهيو هوس، جيڪو يورپ جي مشيني زندگيءَ جي مقابلي ۾ زياده انساني ۽ فطري هو. منهنجي دل ۾ انهيءَ طرز فڪر لاءِ همدردي پيدا ٿيڻ لازمي هو.

انهيءَ همدرديءَ مون کي مجبور ڪيو تہ آئون اهي سبب تلاش ڪريان، جن جي ڪري يورپي ۽ اسلامي طرز زندگيءَ ۾ ايڏو فرق موجود آهي. اهڙي طرح آئون مسلمانن جي مذهبي تعليم ۾ دلچسپي وٺڻ لڳس. انهن ڏينهن ۾ اسلام ۾ منهنجي ايتري دلچسپي تہ ڪو نہ هئي، جو آئون اسلام قبول ڪريان ها. پر منهنجي آڏو هڪ اهڙي ترقي پذير سوسائٽي ( مسلمانن جي ) موجود هئي، جنهن ۾ داخلي تضاد نہ هئڻ برابر هئا ۽ سچا برادرانہ جذبا عروج تي هئا. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ بہ صحيح آهي تہ موجوده دؤر جي مسلم سوسائٽي انهيءَ مطلوبہ ( آئيڊيل ) اسلامي زندگيءَ کان گهڻو پري آهي. جنهن جو نقشو اسلامي تعليم ۾ چٽيل آهي. موجوده دور جي مسلمانن اسلام ۾ حرڪت ۽ ترقي واري نظريي کي سستي ۽ بي عمليءَ ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. اسلام جي فياضيءَ ۽ شخصي قربانيءَ جي جذبي کي اڄ ڪوتاهہ نظريءَ ۽ آسائشن جي محبت مرڦيرايو ويو آهي.

آئيڊيل اسلامي زندگيءَ ۽ مسلمانن جي موجوده پستيءَ جي تضاد مون کي مجبور ڪيو آهي تہ انهيءَ مسئلي تي ڳوڙهو غور ۽ فڪر ڪريان، مون



ذهني تجربي طور پاڻ کي ڪجهہ عرصي لاءِ اسلامي سوسائٽي ۾ شامل تصور ڪيو ان جي نتيجي ۾ جلد مون کي صحيح حل نظر اچڻ لڳو. مون محسوس ڪيو تہ مسلمانن جي موجوده زبون حاليءَ جو سبب رڳو هي آهي تہ انهن اسلام جي روح تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. اسلام تہ موجود آهي پر اهو بنا روح جي هڪ جسم وانگر آهي. اسلامي سوسائٽي شروع کان ديني بنيادن تي بڌل آهي.انهيءَ بنياد جي ڪمزوريءَ امت جي سماجي ۽ ڪلچرلي عمارت کي ڪمزورڪري ڇڏيو آهي. اڳتي هلي اها ڪمزوري مسلمانن جي فنا جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿي. آئون ڏسي رهيو آهيان تہ هڪ طرف اسلام جا مضبوط ۽ عملي اصول آهن ٻئي طرف مسلمانن انهن تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي انهيءَ سوال تي مون اسلامي دنيا جي ڪيترن ئي مفڪرن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. آئون ( هڪ غير مسلم ) مسلمانن کي سندن بي عملي ۽ ڪوتاهين تي ٽوڪيندو هوس ۽ اسلام جو دفاع ڪندو هوس. آخر 1925ع ۾ افغانستان جي هڪ صوبي جي گورنر بحث دوران مون کي چيو پر اوهان تہ مسلمان آهيو. رڳو اوهان کي پاڻ خبر نہ آهي. ان وقت تہ آئون خاموش رهيس پر يورپ واپسيءَ تي 1926ع ۾ مون اسلام قبول ڪيو. مون کان اڪثر پڇيو ويو آهي تہ اسلام جي اها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جنهن مون کي متاثر ڪيو؟ آئون انهيءَ سوال جو ڪو خاطر خواه جواب ڏيڻ کان قاصر آهيان. اصل ۾ اسلام جي ڪا هڪ ڳالهہ نہ هئي، جنهن مون کي خاص طور متاثر ڪيو هجي، پر اسلام جي سموري تعليم اهڙي مربوط ۽ قابل عمل ۽ مجموعہ اخلاق آهي جو انهيءَ مون کي موهي وڌو. منهنجي نگاهہ ۾ اسلام آرٽ جي هڪ اهڙي شاهڪار وانگر آهي جنهن ۾ هر جزو اهڙي طرح جوڙيو ويو آهي، جو هڪ خوبصورت گلدستو جڙي پيو آهي. اسلامي تعليم ۾ ڪابہ ڳالهہ نہ تہ فالتو آهي نہ وري ان ۾ ڪا ڪمي آهي. ان ۾ مڪمل توازن موجود آهي. اسلام ۾ هر شئي نهايت متوازن ۽ مناسب طور موجود آهي، جنهن کان بهتر ممڪن ئي نہ آهي.

اصل ۾ مون کي اسلام سان عشق ٿي چڪو هو. اسلام منهنجي دل ۾ هڪ اهڙي حسين شئي وانگر داخل ٿيو جنهن دل ڦري ورتي. اهو دل ڦري هليو نه ويو پر دل ۾ گهر ڪري ويهي رهيو.

اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ ، مون اسلام بابت جيتري معلومات ممڪن هئي، حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. قرآن ۽ حديث جي تعليم حاصل ڪيم، عربي سکيس ۽ اسلامي تواريخ جو مطالعو ڪيم. ان کانسواءِ اسلام جي حق ۾ ۽ مخالفت ۾ ڪافي ڪتاب پڙهيم. پنجن سالن کان وڌيڪ عرصو حجاز ۽ نجد ۾ گذاريم. جنهن مان گهڻو حصو مدينه منوره ۾ رهيس ته جيئن ان ماحول جو ڪجهه احساس ڪري سگهان. جنهن ۾ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم اسلام جي تبليغ فرمائي. حجاز اسلامي دنيا جو مرڪز هو. اتي رهڻ سان مون کي موجوده دور ۾ اسلامي مذهبي ۽ سماجي نقطه نگاهن ۽ خيالن کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملي. ان مطالعي، مشاهدي ۽ پيٺ جي نتيجي ۾ مون تي اها ڳالهه روشن ٿي ته اڄ به مسلمانن جي ڪوتاهين جي باوجود اسلام زبردست قوت آهي، جيڪا دنيا کي متاثر ڪري سگهي ٿي، ان ڪان پوءِ مون پنهنجي سموري توانائي اسلام جي نشاة ثانيه (Regeneration) لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

هي ڪتاب ان سلسلي ۾ ادنيٰ ڪوشش آهي. ان ۾ مون اسلام ۽ مغربي تهذيب تي بحث ڪيو آهي. هي ڪتاب انهن شخصن لاءِ نه لکيو اٿم جن جي نگاهه ۾ اسلام سماجي ترقيءَ لاءِ ٻين ذريعن سان گڏ هڪ ذريعو آهي، پر انهن عاشقن لاءِ لکيو اٿم جن جي دل ۾ اسلام جي اها چنگاري ( چڻگ ) دکي رهي آهي جيڪا ڪنهن وقت پيغمبر اسلام صلي الله عليه وسلم جي اصحابن رضه جي دلين ۾ روشن هئي. اها شمع جنهن ڪنهن زماني ۾ اسلام کي هڪ اعليٰ سماجي ۽ ڪلچرلي حيثيت عطا ڪئي هئي.

موجوده دنيا جو خاص نعرو خلا جي فتح آهي. سڌ سماءَ جي ترقي جو اهو حال آهي، جو گذريل نسلن جي خواب خيال ۾ به ان جو تصور نه آيو



هوندو. انساني تاريخ ۾ شين جو هڪ هنڌان ٻئي هنڌ تبادلو وسيع پيماني تي ٿي رهيو آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته قومون هڪ ٻئي سان واپار وڙي ۾ منسلڪ ٿي ويون آهن. اڄ دنيا جو ڪوبه ملڪ يا قوم ٻين ملڪن يا قومن کان ڌار رهڻ جو سوچي به نه ٿي سگهي، محدود ملڪي ترقيءَ جو تصور به ختم ٿي رهيو آهي، ان جي جاءِ تي دنيا جي مجموعي ترقيءَ جو وسيع تصور اڇي رهيو آهي. ان جي رستي مان ملڪي حدون ۽ مفاصلا ختم ٿي رهيا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته نه رڳو سامان هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ تي منتقل ٿي رهيو آهي، پر خيال ۽ ڪلچرلي اقدار به ٽرانسفر ٿي رهيا آهن. هاڻي سامان جي ٽرانسفر جو قاعدو ته مٽا سٽا يا ڏي وٺ جي اصولن تي مدار رکي ٿو پر ڪلچر جي يلغار ڏي وٺ جي قاعدي جي پابند نه آهي، ٻين لفظن ۾ خيالن ۽ فڪر جي منتقليءَ لاءِ ضروري نه آهي ته ڪو ملڪ ٻئي کان انهن کي وٺڻ وقت پنهنجا خيال ۽ اقدار انهن کي بدلي طور ڏئي. انساني فطرت جو اصول آهي ته قومون ۽ تهذيبون جيڪي سياسي ۽ اقتصادي طور وڌيڪ مضبوط آهي، سي ڪمزور قومن کي سماجي ۽ فڪري ميدانن ۾ زبردست طريقي سان متاثر ڪن ٿيون، جڏهن ته اهي پاڻ انهن کان متاثر نه ٿيون ٿين. اڄ مسلم دنيا ۽ مغربي دنيا جي تعلقات جو اهوئي حال آهي.

هڪ تاريخدان جي نگاهه ۾ مغربي دنيا جو مسلم دنيا تي اهو فڪري ۽ ڪلچرلي حملو ڪا تعجب جي ڳالهه نه آهي، ڇو ته ان جي پٺيان مضبوط تواريخي اسباب موجود آهن. تاريخ دان ته ان توجيه سبب پنهنجي جاءِ تي مطمئن آهن، پر اسان جيڪي ان ڊرامي جا زنده ڪردار آهيون، ان مسئلي ۾ سڌيءَ طرح ڦاٿل آهيون. اسان جو ايمان آهي ته ٻين مذهبن جي برخلاف اسلام ڪنهن ذهني ۽ روحاني لاڙي جو ئي نالو نه آهي، جنهن کي مختلف سماجي حالتن ۾ ڦيري گهيري سگهجي ٿو ان وٽ پنهنجا سماجي اصول ۽ قاعدا به موجود آهن جي نه رڳو مڪمل آهن، پر هر لحاظ کان عمل لائق پڻ آهن. هاڻي جڏهن ڪو خارجي فڪر يا ٻاهرين تهذيب اسان ۾ پنهنجو اثر پکيڙي، اسانجي سماجي ڍانچي کي ڦيرائڻ ٿي گهري ته اسان کي ڏسڻ گهرجي ته اهو بيروني اثر اسان جي پنهنجي ڪلچر ۽ تهذيب جي منشا

مطابق آهي يا انجي مخالف آهي، آيا اهو اثر اسلامي ڪلچر لاءِ زهر آهي يا مقوي معجون.

ان سوال جي جواب لاءِ اسان کي گهرو تجزيو ڪرڻو پوندو. اسان کي اسلامي ۽ مغربي تهذيبن جي قوت جي سرچشمن جو راز معلوم ڪرڻو پوندو. ان کان پوءِ اهو جائزو وٺي سگهبو ته انهن جي وچ ۾ ڪهڙيءَ حد تائين تعاون ٿي سگهي ٿو. هاڻي جيئن ته اسلامي تهذيب هڪ مذهبي تهذيب آهي، ان ڪري ڏسڻ گهرجي ته انساني زندگيءَ ۾ مذهب جو ڪهڙو ڪردار آهي.

اسين جنهن شيءِ کي انسان جو مذهبي رجحان چئون ٿا، اهو انسان جي جسماني ۽ ذهني بناوٽ جو نتيجو آهي. انسان زندگي ۽ موت يا ازل ۽ ابد جي رازن کان واقف ٿي نه سگهيو آهي. انسان جي سمجهه ان معاملي ۾ لاچار ۽ بيوس ٿي ڪري هار مڃيو وڃي. انسان ان ڪري ٻه ڳالهيون ڪري سگهي ٿو. هڪ اها ته يا ته انسان زندگيءَ جي جامع حقيقت کي سمجهڻ جو سڀئي ڪوششون ترڪ ڪري ڇڏي. ان صورت ۾ انسان ظاهري تجربن جي شاهديءَ تي ڀاڙيندو ۽ انهن مان حاصل ٿيل نتيجن تائين پنهنجي سوچ کي محدود رکندو. اهڙي طرح انسانن زندگيءَ جي مختلف رخن جي جهلڪ ته ڏسي سگهندو، پر زندگيءَ جي جامع حقيقت هرگز سمجهي نه سگهندو. اڄ ڪالهه طبعي سائنسون ان طريقي تي گامزن آهن. ان سائنسي طريقي سان گڏ انسان لاءِ ٻيو طريقو مذهب جو آهي. مذهبي طريقو وجداني طور انسان کي زندگيءَ ۽ ان جي جامعيت بابت رهنمائي مهيا ڪري ٿو. اها رهنمائي ان نظريي تي مبني آهي ته هن ڪائنات کي هلائڻ وارو هڪ اعليٰ طاقت رکندڙ خالق ۽ منتظم آهي، جنهن هڪ منصوبي تحت دنيا کي پيدا ڪيو آهي، جيڪو انسان جي سمجهه کان مٿي آهي. مذهبي طريقو انسان کي سائنسي ۽ تجرباتي طريقن کان منع نه ٿو ڪري. حقيقت ۾ مذهبي ۽ سائنسي طريقي ۾ ڪا دشمني نه آهي. مذهبي شخص سائنسي طريقا اختيار ڪري، پنهنجي تحقيق جاري رکي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن زندگيءَ کي هڪ جامع حقيقت جي شڪل ۾ سمجهڻو آهي ته مذهبي طريقي کانسواءِ ڪو طريقو نه آهي.



مذهبي انسان سمجهندو آهي ته جيڪي ڪجهه ڪيس پيش اچي رهيو آهي، اهو ڪن انڌين ٻوڙين ۽ نا سمجهه طاقتن جو کيل نه آهي، بلڪ ڪائنات جي خالق طرفان ان جي منشا مطابق پيش اچي رهيو آهي. اهڙو انسان سمجهندو آهي ته ڪائنات ۾ پيش ايندڙ حالتون الله تعاليٰ جي وسيع منصوبي جو حصو آهن. مذهبي انسان پنهنجي وجود ۽ خارجي ڪائنات ۾ نظر ايندڙ کي تضاد کي سمجهي حل ڪري سگهي ٿو.

انسان ڏسي ٿو ته سندس روح هڪ مبهم ۽ سمجهه ۾ نه اچڻ واري شيءِ آهي، ان سان گڏ سندس نفس جون خواهشون ۽ تمنائون ڪر ڪنيو بيٺيون آهن، ٻئي طرف انهن جي پوري ٿيڻ ۾ رڪاوٽون ۽ مشڪلاتون موجود آهن، کيس نظر اچي ٿو ته دنيا ۾ هڪ طرف نعمتون ۽ رحمتون آهن ته ٻئي طرف خوف ۽ خطرا ۽ خون خرابو موجود آهي ته انسان گهٻرائي ٿو ۽ انهن جي ڪا توجيهه سندس سمجهه ۾ نه ٿي اچي. فلاسفي ۽ تجرباتي سائنس انهن مسئلن جي نه ته ڪا سمجهاڻي ڏيئي سگهن ٿا نه انهن کي حل ڪرڻ جي طاقت رکن ٿا. اهڙي وقت مذهب انسان جي سامهون سندس رهنمائيءَ لاءِ اچي موجود ٿئي ٿو.

مذهبي انسان جي سامهون ( پوءِ ڪٽي هو ڪهڙي به مذهب سان وابسته هجي ) سندس وجود ۽ فطرت جون بي رحم قوتون هڪ روحاني هم آهنگيءَ جون حامل بنجي نروار ٿين ٿيون.کيس نظر اچي ٿو ته اهي سڀ هڪ ئي تخليقي قوت جون جوڙيل آهن. مذهبي انسان کي يقين هوندو آهي ته سندس وجود ۽ تقدير ڪائنات جي وسيع منصوبي جو حصو آهن. اهڙي انسان کي روحاني تحفظ جو احساس رهي ٿو. اهو مذهب جو وڏو فائدو آهي. مذهبي شخص پنهنجي اميدن، خواهشن ۽ تمنائن ۽ انهن جي رستي ۾ ايندڙ رڪاوٽن ۽ خطرن ۾ هڪ مبهم هم آهنگي محسوس ڪندو آهي، جنهن جو هڪ لا مذهب شخص تصور به ڪري نٿو سگهي.

اها بنيادي ڳالهه سڀني وڏن مذهبن سان لاڳو آهي، پوءِ ڪٽي انهن جا خاص اصول ڪهڙا به هجن. انهن سڀني جو ان ڳالهه تي به زور آهي ته انسان خدا جي تقدير تي سر جهڪائي، پر سڀني مذهبن ۾ رڳو اسلام ان ڳالهه تي

زور ٿو ڏي تہ زندگي ڪھڙي بہ شڪل ۾ آهي، اها هڪ وحدت آهي، ڇو تہ اها هڪ خدا وٽان حاصل ٿي آهي. اسلام اسان کي اهو عملي طريقو بہ ٻڌائي ٿو، جنهن مطابق اسان مان هر شخص پنهنجي دنيوي زندگيءَ ۾ فڪر ۽ عمل ۾ يڪجهتي اختيار ڪري سگهي ٿو. ان هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسلام بدن جي تعليم نہ ٿو ڏي، روحاني پاڪيزگي حاصل ڪرڻ لاءِ اسلام بدن کي ايذاءَ ڏيڻ ۽ ڳارڻ جي سکيا نہ ٿو ڏي. اسلام ۾ روحاني باليدگي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي مبهم ۽ ناقابل يقين عقيدا مڃڻ تي زور نہ آهي، نہ ڪي منتر جنتر پڙهڻا پون ٿا. اهڙيون سموريون شيون اسلام لاءِ اجنبي آهن، ڇاڪاڻ تہ اسلام نہ ڪو پراسرار ڌرم آهي، نہ ڪا خفيہ فلاسفي. اسلام فطرت جي عين مطابق زندگي گذارڻ جو هڪ پروگرام آهي، جيڪو خالق ڪائنات طرفان پنهنجي مخلوق کي ڏنو ويو آهي. اسلام ۾ انساني زندگيءَ جي انتهائي ڪاميابي ان ڳالهہ ۾ آهي تہ زندگيءَ جي روحاني ۽ مادي پهلوئن ۾ مڪمل هم آهنگي هجي. اسلام ۾ انهن ٻنهي پهلوئن ۾ ڪو تضاد آهي نہ ڪو ويڇو. اسلام ۾ روحاني ۽ مادي پهلو زندگيءَ ۾ ڌار ٿي نہ ٿا سگهن. اهوئي فطري اصول آهي، جنهن جي اسلام تعليم ڏئي ٿو.

اهوئي سبب آهي جو عبادتن جي معاملي ۾ اسلام ذهني مرڪوزيت سان گڏ جسماني حرڪت کي گڏي ڇڏيو آهي. اسلام جا مخالف اهڙين عبادتن مان خواهہ مخواهہ وڏ ڪڍندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسلام ظاهر تي زور ڏي ٿو. ٻين مذهبن وارا جن وٽ روحاني ۽ جسماني هم آهنگيءَ جو ڪو تصور موجود نہ آهي، اهو سمجهڻ کان قاصر آهن تہ اسلام ۾ انهن پهلوئن ۾ ڪو تضاد نہ آهي، اهي ٻئي ضروري پهلو آهن. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ اسلام روحاني ۽ دماغي حاضريءَ سان گڏ جسماني چرپر بہ ضروري ٿو سمجهي، ڇاڪاڻ تہ انساني زندگي پاڻ ذهن ۽ جسم جو مرڪب آهي ۽ اسان کي الله تعاليٰ جيڪي قوتون عطا ڪيون آهن ( جسم ۽ روح ) انهن سيني سان سندس درٻار ۾ حاضر ٿيڻ لازمي آهي، ان جو ٻيو مثال بيت الله شريف جي طواف ۾ ملي ٿو. طواف ۾ جسماني حرڪت انسان جي مادي



زندگيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿي، مطلب تہ طواف ڪرڻ وارو شخص نہ رڳو پنهنجي خيال ۽ سوچ سان پر جسماني طور بہ پاڻ کي خدا جي عبادت ۾ مشغول رکي ۽ سمجهي ٿو قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو.

وما خلقت الجن والانس الا ليعبدون

مون جنن ۽ انسانن کي رڳو پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي.

# شاهہ جو ڪلام ۽ ان جي تشريح

## (۴)

سيئي سُور طبيبَن، جَنِين سُورَ سَڃَ ڪِي،
جو لِکِئو هُتِ لطيفُ چي، سوئِي ڪَنِ قَرِيبَن،
جي نَوازِئا نَصِيبَن، دارُونءَ سي دُرستُ ڪِئا.

طبيب تہ انهن وٽ اچن ٿا، جيڪي سور جي ڪري انهن کي سنڀارين ٿا. لطيف سائين فرمائي ٿو تہ ماڻهوءَ جي لاءِ ازل کان جيڪو تقدير ۾ لکيل آهي هن دنيا ۾ محبوب جو معاملو ان مطابق ئي ٿئي ٿو ان کان مختلف نٿو ٿئي.

( هتي هن نڪتي جي وضاحت ضروري آهي تہ ازل ۾ محبوب حقيقيءَ جي طرفان هوندئن تہ هر فرد جي لاءِ اهو ئي ڪجهہ تجويز ٿيو آهي تہ هو " الست بربڪم " جي واعدي کي وفا ڪري، محبوب سان والهانہ محبت جي راه تي گامزن ٿيئي. فطرت جي گهرائين ۾، محبوب سان محبت جا بي پناهہ جذبا وديعت ڪيا ويا آهن. ان سان گڏو گڏ انساني شخصيت ۾ "روح " جهڙي لطيف شئي بہ رکي وئي آهي جيڪا روح مطلق هستي جي لاءِ هر وقت بي چين آهي، ۽ ان جي مشاهدي جي لاءِ تڙڦي ٿي، وري " ضمير " جي قوت بہ اندر ۾ رکي وئي آهي، ازل ۾ قدرت جي طرفان تہ اهوئي طئي ٿيو هو تہ هر فرد " فطرت " " روح " ۽ " دل " جي قوتن جو ساٿ ڏيئي، محبوب جي راه تي تيزي سان هلندو . پرنفسي قوتن جي يرغمالي ۽ ماده پرست معاشري جي بداثرات جي ڪري، انسانن کي گهٽائي، "الست بربڪم" جي عهد کان منحرف ٿي وئي ۽ منحرف ٿيندي نظر اچي ٿي، ان ڪري اهڙي صورتحال ۾ ايئن نٿو چئي سگهجي تہ اهو سڀ ڪجهہ ازل کان اهڙي طرح ئي طئي ٿيل فيصلو هو، جنهن جي تحت فرد و افراد مجبور ٿي هن راه تي هلڻ لڳا آهن. جنهن جو ازل کان پهريان ئي فيصلو ٿي چڪو آهي " ازل جو لکيو " چئي پاڻ کي مجبور ظاهر ڪرڻ جي اها تشريح غلط آهي، ان سان انسان کي مليل آزاديءَ جو تصور مجروح ٿيئي ٿو ازل ۾ لکيل هجڻ جو مطلب اهو آهي تہ جيئن تہ " محبوب حقيقي " " عالم الغيب " آهي، تنهنڪري هن کي اڳيئي خبر هئي تہ ماڻهن کي مليل آزاديءَ جي نتيجي ۾ هنن کان ڪهڙا، ڪهڙا عمل سرزد ٿيندا؟ ۽ اهي ڪهڙي، ڪهڙي نوعيت جا ڪم ڪندا؟ ورنہ افراد کي خاص اعمال تي مجبور ڪرڻ ۽ ان تي "جبر "جو قانون مڙهڻ جو تصور غلط آهي) .



شاهہ صاحب وڏيڪ فرمائين ٿا تہ جيڪي ڀاڳ وارا هئا، تن کي تہ هن علاج مان شفا ملي، يعني جن جي " فطرت سليمہ " جا جزا محفوظ هئا، انهن کي روحاني بيمارين مان جلد ڇوٽڪارو مليو .

## (۵)

جي پِرِيارِي پاڻَ، تہ ڪَرَهو ٿِي پاڙِي پِرِين،
اَڳِي اِنَ نِياڻَ، اَڻَ ڪونِئو ڪونَ گِهڙِي.

جيڪي سچا ۽ سعادت مند طالب آهن، انهن جي عشق جي اڄ، جيڪڏهن " محبوب حقيقي " پاڻ اجهائڻ چاهين تہ ڪين ڪپي تہ خوب دل پري نوش ڪن.

هن عشق جي دنيا ۾، عام طور تي ايئن نٿو ٿي، جو محبوب جي طرفان فرد تي شروع ۾ ڪشش ۽ جذب جي واردات طاري ٿيئي، راه سلوڪ ۾ ۾ داخل ٿيڻ سان ئي فرد تي بيخوديءَ جي حالت طاري ٿي وڃي ۽ ذڪر و فڪر ۽ محبوب جي محبت ۾ اهو اهڙو گم ٿي وڃي، جو ٻين سڀني ڳٽتين کان آجو

ٿي وڃي محبوب جي طرفان اهڙو معاملو خوش نصيب افراد سان ئي ٿيندو آهي_ اهڙي طالب کي شاهہ صاحب چون ٿا تہ جيڪڏهن محبوب تو سان جذب ۽ ڪشش جو معاملو فرمائي تہ انهن لمحن کي پنهنجي خوش قسمتي تصور ڪندي، راتو ڏينهن " رب جي راہ " جو پانڌيئڙو ٿي ۽ لاڳيتو ان راہ تي اڳيرو رڙهندو رہ! ۽ ڪڏهن بہ سستيءَ کان ڪم نہ وٺ. نہ تہ ان عظيم ڪيفيت جي بي قدري ڪرڻ جي نتيجي ۾، رب سائينءَ وٽان ڪشش جو عمل رڪجي وڃڻ جو خدشو آهي.

## (٦)

اَڻَ ڪِيِ عَيان نہ ٿِيي، ڪِيِ پَروڙي ڪونَ،
سَچِي جيهِي سونَ، مُہِ نہ پيئِي ماڙُ هين.

( مٿيئن بيت ۾ شاهہ صاحب، هن ڏکوئيندڙ حقيقت جو اظهار ڪيو آهي تہ ) جيڪا ڳالهہ چئي نہ ٿي وڃي ( چئي نہ ٿي سگهجي ) ماڻهو ان ڏانهن ڌيان ئي نہ ٿا ڏين ايئن، اها ڳالهہ ظاهر ئي نہ ٿي ٿيئي، پر جيڪا حقيقت ظاهر ڪئي وڃي ٿي، جنهن کي بيان ڪجي ٿو ماڻهو انکي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ تيار ئي نہ آهن. سون جهڙي سچي ڳالهہ کي بہ ماڻهو قبول ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهن. يعني " الله جي محبت ۽ درد عشق جي ڳالهہ " جيڪڏهن اها ڳالهہ نہ چئجي تہ ماڻهوان کان بيخبر ٿين ٿا ۽ جي چئي ظاهر ڪجي تہ، يا تہ شڪ شبها ۽ اعتراض شروع ٿيو وڃن يا وري توجہ نہ ٿي ڏني وڃي ۽ غفلت اختيار ڪئي وڃي ٿي، "الله جي محبت" ۽ "درد عشق "، جيڪا فطرت جي سڀ کان وڏي "طلب ۽ تقاضا" آهي، ان سان ماڻهن جو اهو رويو ڏکوئيندڙ آهي.



## (۷)

اَڻَ ڪِي عَيان نہ ٿِيي، ڪِي پروڙي ڪونَ،
سا سُنهِين ٿِي سونَ، اَمُرُ عَطا جِہ جو.

اڻ چيل ڳالهہ ظاهر نٿي ٿئي ۽ چيل ڳالهہ تہ ڪو يقين ڪرڻ لاءِ تيار ئي ڪونهي، اها عجيب صورتحال آهي، جيڪا پيدا ٿي وئي آهي.

سون کان وڌيڪ سچي اها حقيقت، ان ماڻهوءَ جي رهنمائي جو ذريعو ثابت ٿئي ٿي، جنهن جي لاءِ ربّ پاڪ وٽان امر ٿيل هجي ٿو ( يعني جيڪو فطرت سليمہ جي جزا کي محفوظ رکڻ ۽ ضد ۽ انانيت جي نفسيات کان محفوظ هجڻ جي ڪري حق ۽ صداقت سان سرشار هن " حقيقت " کي دل جي اکين سان ڏسڻ ۽، دل جي ڪنن سان ٻڌڻ جي صلاحيت رکي ٿو ان جي حق ۾ ئي آتش عشق ۾ سڙڻ ۽ درد عشق جي ذريعي نفساني قوتن کي تابع بنائڻ جو " امر " ٿئي ٿو_ )

## (٨)

جيڪِي ڏِنائوُن، سو مان ڳُڻُ ڳَنڍِ ٿِئو،
مون ڪيائُ پُوڄِ، توڪي اِنَهِمَ توڪَ سين.

محبت جي راہ تي هلائڻ ڪانپوءِ محبوب مون کي ان جو انعام روڪ صورت ۾ ڏيئي ڇڏيو ۽ تمام گهڻيون نعمتون عطا فرمايون ۽ مونکان اهو پڻ واعدو ورتائون تہ اسان توکي پنهنجي محبت جي جيڪا دولت عطا ڪريون ٿا، ان کي طالبن ۾ ورهائڻ ۽ انهن جي دل ۾ منتقل ڪرڻ جي ڪم کي ترجيح ڏي ۽، ان کي مقصود زندگي بڻائي ڇڏ_

## (٩)

جيڪِي ڏِنائوُن، سو سِرُ ڏيئِي سَهُ جِندڙا!
مَ چَوُ چِنائُون، اِي پُڻ ڳَنڍِئو سَڄَڻين.

## (۱۴)

ڏَمَرَ پاسو ڏُکَ سين، ڪانڊِ ڪَٿُورِي هوءِ،
وَاللهُ مَعَ الصَّابِرِينَ، آگو اِيَهِمَ چوءِ،

بي صبري، ظرف جي ڪمي، محبوب جي جلالي صفتن جي عڪس کان فرار جي راهن جي ڳولا، قبض ۽ هيبت کان بيقرار ٿي، ٻين سان محبوب جي شڪايت ڪرڻ، راه محبت ۾ ايئن نہ جڳائي، ان سان رڳو اهو ٿيندو، جو طالب، وڌيڪ اذيت ۽ ڏکن ۾ مبتلا ٿيندو، ٻيو ڪجهہ نہ ورندو_

محبوب، ”ان الله مع الصابرين“ جي تاڪيد فرمائي آهي، يعني الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي.

راه محبت ۾ هلڻ وارا ۽ محبوب جي هر ادا تي صبر ڪرڻ وارا ئي ماڳ تي رسائي حاصل ڪري سگهندا، جڏهن تہ رستي جي تڪليف ۽ مصيبت کان پيچڻ وارا، منزل ماڻڻ کان محروم رهندا، اهي پنهنجي نفس کي سڌارڻ ۾ ناڪام ٿيا، ان سان گڏوگڏ، محبوب کان بہ پري ٿيندا ويا_

## (۱۵)

ڪَمرگَامَندَنِ ڪَٽِئو، هارايِ هُوڙَنِ،
چِڪِئو نہ چُوندنِ، هُو جو ساءُ صَبُرَ جو

جيڪي صبر سان، محبوب جي راه تي هلندا رهن ٿا ۽ جلال جي تيرن جي دوران شڪايت ۽ دانهن بدران، محبوب جي انهن ادائن تي خوش ٿيندا رهن ٿا، اهڙائي طالب، ڀاڳوارا آهن اهي ئي آهن جيڪي، حقيقي عشق جي لذتن مان فيضياب ٿي ويا ۽ اهي آهن جيڪي ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿيا_

## (۱۶)

ڪَمَندَڙَنِ گهَرِ ڪِينَ چُندَلَ چَڱا نہ ٿِئا،
ويڙَهِئُون وِيڏُ، پِئي، هَٿِ نہ اَچي ڪِينَ.



صبر ۽ استقامت جو مظاهرو ڪرڻ وارا خوشي، پلائي ۽ سراپا خير سان بهره ور ٿيا، جڏهن تہ شڪوو شڪايت ڪرڻ وارا ناڪام ونا مراد ٿيا. راه محبت جي مصيبتن کان گهبرائجي، فرار جي راه اختيار ڪرڻ وارا ۽ دانهون ڪرڻ وارا، محروم ئي رهجي ويا، اهي هن دنيا ۾ هٿين خالي آيا ۽ هٿن خالي هليا ويا، انهن کي محبت جي راه مان ڪجهہ بہ نہ ملي سگهيو. ڇاڪاڻ تہ راه محبت، استقامت جي راه آهي، هن راه ۾ محبوب، طالبن جي پرک ڪرڻ لاءِ، ڪجھ عرصي تائين سندن دل کي بيقرار رکندو آهي، انهن کي پنهنجي جلالي ۽ جمالي صفات جي درمياني حالت ۾ رکندو آهي، انهن تي پريشاني ۽ آزمائش جا تير وسائيندو آهي، جيڪي طالب، مضبوطي سان انهن آزمائشن ۾ ثابت قدم رهن ٿا، اف بہ نٿا ڪن ۽ محبوب کان ان جي رحم وڪرم ۽ خاص فضل جي خيرات پنندا رهن ٿا، اهي ئي اهي طالب آهن جن کي آزمائش جي مرحلن مان گذاري، انعامات سان فيضياب ڪيو ويجي ٿو_

## (۱۷)

هُو چَوِنئِي، تون مَ چَؤُ، واتان وَرائي،
اَڳِهہ اَڳرائِي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاندَ ۾ پائي، وِئو ڪِيني وارو ڪِينُ ڪِينَ.

( هن بيت ۾ شاهہ صاحب، طالبن کي، ماڻهن جي ڏکوئيندڙ ڳالهين تي صبر ڪرڻ جي تلقين ڪندي چون ٿا، جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي غلط ڳالهين جي ڪري توکي تڪليف پهچائين ۽ تنهنجي عزت ۽ شهرت کي داغ لڳائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ، ان جي جواب ۾ تنهنجي طرفان صبر جو مظاهرو ٿيڻ گهرجي.

## (۱۸)

هُو چَونِئِي، تون مَ چَؤُ، واتا وَرائِ وِيڻُ،
سَپِنَي سين سَيِّدُ چي، مَنُ ماري ڪَرِ ميڻُ،
ڪانڌِ وَڏِيائِي ڪيڻُ، ڪِيني مَنجها ڪِينَ ٿِي.

ٻين جي ظلم ڏاڍائيءَ ۽ بد زباني جي جواب ۾ تنهنجي طرفان صبر جي روش ئي هئڻ گهرجي. سيّد چوي ٿو تہ سيني سان توکي صبر ۽ محبت جو معاملو ڪرڻ کپي ۽ اندر جون قوتون جيڪي ضد ۽ انتقام جي سبب زور وٺي ويون آهن، انهن کي فنا ڪري ڇڏ. پنهنجي هستيءَ جي احساس جي نفي ڪر، تہ جيئن ماڻهن جي زيادتي جي موقعن تي اشتعال جي نفسيات اعتدال جي حد ۾ رهي. وڏائي حسد ۽ ڪينو، ماڻهوءَ کي ترقي ۽ ڪاميابيءَ تي نٿيون پهچائين، بلڪ اهي برايون ان کي هيٺ ڪيرائڻ جو سبب بڻجن ٿيون.

”ڪينو“ ايڏي خراب شئي آهي جو ان مان ڪنهن کي، نقصان کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ مليو آهي، ڪينو چاهي ڪنهن جي بہ طرفان هجي، ان جو نتيجو برو آهي ۽ ان مان، ڪا بہ چڱائي حاصل ٿيڻي ناهي.

## (۱۹)

ڪَنِين ڪِين ٻَرائِيو، ڪِينِي، مَنجهان ڪِينَ،
جي هوءِ سَٽاڻِي سِيگَ، تہ زِهَ ڇِني جوکو ٿِئِي.

طنز طعنا ۽ ميارون ٻڌي، انهن جي ورندي نہ ڏي، ماٺ ۽ صبر کان ڪم وٺ. اهو عاشقن جوئي ڪم آهي يعني هو اهڙي روئي جو جواب خاموشي ۽ صبر سان ڏين ٿا ۽ ان تي فخر محسوس ڪن ٿا. ( جي سامهونءَ واري جي روئيي ۾ شدت هوندي تہ ان جي جواب ۾ سختي ۽ شدت اختيار ڪرڻ سان، پاڻ ۾ جيڪا ٿوري گهڻي ميٺ محبت هوندي تہ اها بہ ختم ٿي ويندي جيئن، ڪمان جي تند کي گهڻو ڇڪبو تہ اها ڇڄي پوندي).



## (۲۰)

سُڻِي وِيڻَ ڪَنَنِ سين، وَرائِج مَ وَرِي،
هادِيَ جي هِدايَتَ جِي، آهِيَ اِ ڳَرِي،
تَنِ سَڄِي ساهِ سَرِي، جَنِ مارِئو نفسُ ماٺِ سين.

اهي افراد، جن نفس کي ماري مات ڪيو ان کي پائمال ڪيائون، برائيءَ جو جواب صبر جي هٿيارن سان ڏنائون. اهي ئي اهي ماڻهو آهن، جيڪي بهترين زيور سان سينگاريل آهن. (هادي جي اهائي هدايت جي ڏيکاريل واٽ آهي تہ، پنهنجي گلا ۽ غيبت ڪنهن جي واتان ٻڌو تہ ان کي ورائي طعنو ۽ ميار نہ ڏيو صبر سان سهي وڃو).

## (۲۱)

چُندَنِ ڪِيَمَ چَئِيج، وِيڻَ وَرائي سامُهُمَ،
ڪا مَتِ قِيمت جِهَڙِي، روزُ ڏَمَرَ کي ڏيجِ،
وِيڻُ مَ وَرائيج، تہ سَپَ دَرِ سُهاڳِي ٿِيين.

جيڪي تو سان زيادتي ڪن ۽ گهٽ وڌ ڳالهائين تہ ان جو تون جواب نہ ڏي، پنهنجي ڪاوڙ کي ڪنٽرول ڪر، حوصلي ۽ همت کان ڪم وٺي ڪم برداشت ڪر، روزانو پنهنجي نفس کي مار طعنا ٻڌي انهن جي ورندي ڏي تہ ايئن تون، خوش نصيبن جي فهرست ۾ شامل ويندين.

## (۲۲)

ڪِينَ مائِيندا مَنَّ ۾، خودِي ۽ خُدا،
ٻِنِ تنِاڙِجاءِ، ڪا آهي هيڪَ مِياڻِ ۾؟

اها هڪڙي مجيل حقيقت آهي تہ هڪ دل ۾ خود پرستي، انانيت ۽ خدا، ٻئي هڪڙي ئي وقت تي شامل ٿي نہ ٿا سگهن، اهي ٻئي هڪ ٻئي کان مختلف آهن، اهو ناممڪن آهي تہ بہ ترارون هڪڙي مياڻ ۾ گڏ رکجن، خود

جن ماڻهن جي صحبت سان تنهنجا ڏک ڏور ٿيندا هجن. سڪون قلب جي دولت حاصل ٿئي، اي منهنجا تن من! تون پنهنجا جهوپڙا اهڙن ماڻهن جي ويجهو اڏي، پنهنجي باقي حياتي انهن جي صحبت ۾ گذار. ڇو ته انهن جي صحبت توکي دل جي سڪون سان گڏ خود اعتمادي جي سعادت سان فيضياب ڪندي نفس جي معرفت سان گڏ. رب جي معرفت جي حصول جو ذريعو پڻ بڻجندي_

## وائی

يارَ سَڄَڻَ جي فِراقَ، ڙي جيڏيُون آئُون مارِ ي!
دَرِ دوسَنِ جي ڪَئِين جو هُوندا، مُون جيها مُشتاقَ،
ڙِ ي جيڏيُون آئُون مارِ ي!
جاتي ڪاتي مَحبُوبَنِ جي آهِ حُسنَ جِ ي هاڪَ،
ڙِ ي جيڏيُون آئُون مارِ ي!
سُرمو سِهِائِي ڪِجَ جو، خاصُ پِرِيان جِ ي خاڪَ،
ڙِ ي جيڏيُون آئُون مارِ ي!
عبداللطيفُ چيِ، پِرِين اَسانجو هَميشه آ حُسناڪَ،
ڙِ ي جيڏيُون آئُون مارِ ي!

دوستو! دل جي ڳالهه ٻڌايان ٿو ته محبوب جي فراق جي صدمي مون کي موت سان همڪنار ڪيو آهي، يعني وصال جي لاءِ جيڪي وس ڪيم انهيءَ ڪوشش مون کي ٿڪائي ماندو ڪيو آهي، نفس جي ماڏي زور آور قوتن مون کي هن راه ۾ ٿڪائي هيڻو ڪيو آهي.

محبوب حقيقيءَ جي در تائين رسائيءَ لاءِ بيقرار، مون وانگيان بي شمار طالب هوندا ۽ انهيءَ راه جا پانڌيئيڙا هوندا_

محبوب جو حسن ايڏو لازوال آهي ۽ هن ڪائنات کي اهڙي طرح گهيري رکيو آهي جو هر هڪ جي وات تي انهيءَ حسن اعليٰ جي حسن جي هاڪ آهي.



ساٿيو! منهنجي حالت اها آهي جو محبوب جي لاءِ بيقرار ٿي ڦٿڪان ٿو_

محبوب جي پيرن جي خاڪ جو سرمو ٺاهي اکين ۾ پايو ( يعني دل کي هر دم سڄڻ جي ساراه سان سينگاري رکو_

منهنجي حالت اها آهي جو محبوب جي فراق ماري رکيو آهي ان جي لاءِ تڙپان ٿو_

عبداللطيف چوي ٿو ته اسان جو پرين اهڙو آهي جيڪو حسن جي نئين تابناڪيءَ سان. نون جلون سان نروار ٿيندو رهي ٿو جيڪو سراپا حسن آهي.

جيڏيون! منهنجي حالت اها آهي جو مان محبوب جي لاءِ بيتاب ۽ بيقرار آهيان.

## سر ڪنبات

شاهه صاحب جي رسالي جي سر ڪنبات ۾ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي شان، پاڻ سڳورن جي عظمت ۽ سندن بيمثال حسن جو ذڪر آيل آهي، پاڻ سڳورن جي ذات سان والهانه عشق، نفس کي اٺ بڻائي انهن تائين پهچڻ جون خواهشون ۽ فنا في الرسول، جي جذبات تي مشتمل آهي، تصوف ۾ فنا في الرسول، کي اهم مقام حاصل آهي، جو سالڪ، فنا في الشيخ، جي مرحلن مان گذري، جڏهن، فنا في الرسول جي مقام تائين پهچي ٿو ته، حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو عشق ڪيس مضطرب ڪري ٿو ڇڏي، ايئن پاڻ سڳورن جي هر سنت تي عمل ڪرڻ، پاڻ سڳورن جي اطاعت ڪري، هن جي لاءِ دل جي لذت ۽ سڪون ذريعو بڻجي وڃي ٿو_ جيئن ته فنا في الرسول جي شروعاتي مرحلن ۾ به نفس جي قوتن سان جنگ جاري رهندي آهي، سالڪ، پنهنجي نفس کي اطاعت رسول ۾ ڏيڻ ۽ سندن هر سنت تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪوشان هوندو آهي، پر نفس جون قوتون

مزاحمت ڪنديون رهنديون آهن. هن سر ۾ نفس جي انهن مزاحمتن جو بہ ذڪر آهي. نفس جي سرڪش قوتن جي مزاحمت تہ فنا في الله. کان پوءِ ئي ختم ٿيئي ٿي، جنهن جو هن سر جي آخر ۾ ذڪر آيل آهي_

**(۱)**

ڀَلائي آهِين، پِرِين ڀَلائيءَ پاهجي،
سَہاجها سِرِ چَڙهئو، ڏوراپو نہ ڏِين،
مان ڏي مَدِيُون ٿِين، سَڄَڻَ سَڄَڻ ۾.

محبوب پنهنجي خوبين سبب، سراپا خير ئي خير آهن اسان جي محبوب ( حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم ) جن جي هڪ اهم خصوصيت اها آهي تہ، هو اسان جي بدڪارين ۽ ڪمزورين کي ڏسڻ جي باوجود، نظر انداز فرمائين ٿا ۽ سامهون، ناراضگي جو اظهار نہ ٿا فرمائين.

آئون سراپا گناهن ۾ ٻڏل آهيان ۽ قصور وار آهيان جڏهن تہ، محبوب سراسر رحمت آهن ۽ هرصورت ۾ اسان جي ڀلائي چاهين ٿا ۽ اسان جي غلطين کي در گذر ڪرڻ فرمائين ٿا_

**(۲)**

پيشانِيءَ ۾ پِريَ جي، ڀَلائِيءَ جا پيرَ،
اڳَ ڳَنڍِ اُڪَنديُن جي، ڏي پاٻوهي پيرَ،
قَمَرَ پاڙي ڪيرَ، شَمسَ سُپيرِيَنِ سين؟

محبوب جي سونهن جي ڪيئن ساراه بيان ڪجي؟ ان جي پيشاني پنهنجي دامن ۾ خير جو خزانو پري رکيو آهي، جيڪي انهن سان حب رکن ٿا، پاڻ سڳورا انهن جي لاءِ هر وقت تبسم فرمائيندا رهن ٿا، محبوب جي انوار حسن جو مقابلو ڪير ڪري سگهي ٿو سندن سامهون تہ، سج ۽ چند جي سونهن بہ شرمائي ٿي .

**(۳)**

تُون چَنڊَ! اُهو ئِي، جو هُتَ پَسين تو پِريَ کي،
آڏِتُ چَئِجِ اُنِ کي، ڏِيانءِ جو روئِي،
هيڪانڊِيءَ هوئِي، سانگُ مَ پوي سَڄَڻين!

( هن بيت ۾ شاه صاحب، چنڊ کي مخاطب ٿيندي چون ٿا).



اي چنڊ! تون اهو ئي آهين جيڪو محبوب جو هت بہ مشاهدو ڪري رهيو آهين ۽ آئون توکي روئي نياپو ڏيان ٿو اهو پيغام محبوب کي اڪيلائي ۾ ڏجانءِ تہ جيئن محبوب سان وڇوڙي جي احساس ۾ ڪمي واقع ٿئي_

**(۴)**

مَرُ هيڪاندا هُونِ پِرِينِ، سانگِ مَ وَڃِنِ سيڻَ!
رَهيا آهِينِ رُوحَ ۾، نِتُ جَنِين جا نيڻَ،
وِماسِئا جَن ويڻَ، تو تاريَ تَڳيِتَن هِيُون.

پرين مون سان گڏ هجن، مون کان جدا نہ ٿين، بلڪ سچ تہ اهو آهي تہ محبوب يعني، حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي انوار جون تجليون منهنجي روح جو حصو آهن، اهي منهنجي دل جي اونهاين ۾ موجود آهن. پاڻ سڳورن جي انوار جي بدولت ئي تہ اسان ايمان جي عظيم دولت سان بهره ور آهيون.

سندن اخلاق ايڏو اعليٰ درجي جو آهي، سندن ڪلام ايڏو متوازن آهي، جو انهن جي قول، فعل ۽ انهن جي حسن سان ئي منهنجي دل جي سلامتي وابستہ آهي.

**(۵)**

راتِ سَهائِي پوُن سَئِين، پَٽِين وڏو پَنڌُ،
هَلَندي حَبِيبَنِ ڏي، ڪَرَها! موڙ مَ ڪَنڌُ،
ٻَنڌوٺِڙُ ٻَنڌُ، جو پَهُچائي! پِريَنِ کي.

( چنڊ کي نياپو ڏيڻ تي بہ شاه صاحب کي اطمينان نٿو ٿئي، آقا صلي الله عليہ وسلم سان محبت جي جذبات جي تسڪين نہ ٿي ٿئي، هاڻي شاهہ صاحب نفس جي اٺ کي سواري بڻائي، آقا جي در تي حاضري ڏيڻ جي تياري ڪري رهيا آهن، چون ٿا) .

رات چانڊوڪي آهي، ڌرتي بہ هموار آهي ( محبوب ڏانهن ويندي نہ سستيءَ کان ڪم وٺ ۽ نہ سرڪشي ڏيکار، اهڙي همت ۽ حوصلي سان هل

تہ جلد ئي پرينءَ تائين پڄون ۽ پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ حاضري ڏيئي سعادت حاصل ڪريون_

## (٦)

راتِ سَهائِي پوُن سَئِين، پائِي! گهُرجي پَلُ،
آهُرَ چِپيهُن، ايلاچَندَنُ چَري چَلُ،
مُون توهِيسين ڳالَڙي، ٻي ڪِهِڙي مَ سَلُ،
هاهُرَ ڪندو هَلُ، تہ ڪِجايوُن ڪَرَنِ ڪي.

چانڊوڪي رات آهي، ميدان بہ هموار آهي، محبوب تائين پهچڻ جي لاءِ همت ۽ حوصلي جي ضرورت آهي، تنهنڪري اي نفس! توکي سفر جي لاءِ جنهن تواڻلي واري غذا جي گهرج آهي، تون ڊوُ تي اها خوراڪ کائي وٺ، مان محبوب جي توسان جيڪا ڳالهہ ڪريان ٿو اهو منهنجو هڪ راز آهي، جيڪو توکي ڪنهن تي بہ ظاهر ناهي ڪرڻو محبوب ڏانهن، اهڙي شان سان هلندو رهہ جيئن دشمن ڏسي سڙن_

## (٧)

راتِ سَهائِي، پوُن سَئِين، پِرِتِ نَئِپِينڌُ پُورِ،
مَيا! مَحبُوبَنِ جي، هَلِي وانءُ حُضُورِ،
جي چِٽِڪَنِ چِتِ ۾، سي ڪِنءَ سَجَڻَ ڏُورِ،
اَللهَ لَڳِ اَسُورِ اُئان ئِي ٿِي آءُ تُون.

رات روشن آهي، ميدان بہ هموار آهي، عشق ۾ بہ نئون جوش جاڳيو آهي يعني، محبوب جي زيارت جي تمنا بي تاب ڪيو آهي، ان ڪري ڪوشش ڪري تڪڙو هل ۽ مونکي محبوب تائين رساءِ_

جيڪي پرين دل جي اونهاين ۾ موجود هجن، جن جي ياد هر دم دل تي طاري هجي، اهي سڄڻ ڪيئن پري هوندا؟_

اي اٺ! الله جي واسطي، اسر مهل ئي پنڌ ڪري محبوب وٽان ٿي آءُ .

## (٨)

اَڄُ پُڻِ اَچائِي، چوڏِهِيَ ماهَ چَنڊَ جِي،
هَرِمونِمونگ پِرَنِ جي، اَچَڻَ جِي وائِي،
مون گهَرِ واڌائِي پيئِي ڪامَ ڪَرَنِ ۾.



اڄ وري چوڏهينءَ جو چنڊ آهي، منهنجي محبوب جي، منهن جي گهر اچڻ جي خوشخبري آهي .

هن ڳالهہ جي ڪري تہ منهنجي گهر ۾ خوشين جا ڏيئا ٻري رهيا آهن، جڏهن تہ حاسدن جي گهر ۾ حسد پانيڙ ٻاري چڏيا آهن .

## (٩)

اَڄُ پُڻِ اَچائِي، چوڏِهِيَ ماهَ چَنڊَ جِي،
مون گهَرِ مون پِرَنِ جي، اَچَڻَ جِي وائِي،
مون گهَرِ واڌائِي پيئِي ڪامَ ڪَرَنِ ۾.

اڄ وري چوڏهينءَ جي چنڊ جي چانڊاڻ آهي، منهنجي گهر محبوب جي تشريف آوريءَ جي خبر آهي، محبوب جيڪي سراپا ڀلائي ۽ خير آهن، اهي اسر ويل منهنجي گهر تشريف فرما ٿيا_

## (١٠)

چوڏِهيَ چَنڊُ اُڀِرِئو، اُوڏَنِيهَ پَسيسِ عامَ،
مَتَسِ ناهِ مَلامَ، جيڪِي پُڇين پُڇُ سو.

چوڏهينءَ تاريخ تي ئي چنڊ اڀري ٿو جڏهن تہ عام هن کي اوڻٽيهين تاريخ تي اڀ ۾ ڳولهين ٿا، عام ماڻهن تي ڪار ميار ڪانهي، اهي هن راز کان ئي بيخبر آهن، يعني دنيا ۽ انسانيت کي رات جهڙي ڪاري اونداهيءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ وارو سوجهرو محبوب سائين ( حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم ) جن جي پاڪ ذات آهي، اها ئي تہ اصل روشني آهي، جڏهن تہ عام ماڻهن جو اهو حال آهي تہ هو ان روشنيءَ مان فيض پرائڻ بدران، هتي، هُتي ٿاٻا ۽ ڌڪا کائي رهيا آهن، سوجهري جي ڳولا ۾ سرگردان آهن_

## (١١)

چوڏِهيَ چَنڊَ! تون اُڀِرين، سَهسين ڪَرِيين سِنگارَ،
پَلَڪَ پِرِيان جي نَہ پَڙين، جي حِيلَنِ ڪَرِيين هَزارَ،
جِهَڙو تون سَڀَ ڄَمارَ، تهڙو دَمُ دوستَ جو.

( هن بيت ۾ شاعر، چنڊ کي مخاطب ٿيندي، محبوب جي حسن سان هن جي ڀيٽ ڪن ٿا ) چون ٿا، اي چنڊ! جڏهن تون، پنهنجي سموري چانڊاڻ سان نت نوان سينگار ڪري اڀ تي نروار ٿئين ٿو ته تنهنجي اها سونهن، تنهن جو اهو نور، محبوب جي سونهن جي ڀيٽ ۾، ذري برابر به اهميت نه ٿو رکي، ڪٽي تون هزار هيلا ڪرين، تون ڪرڻ سان پاڻ کي سنوارين، هر ڪوشش ڪانپوءِ به تون، اسان جي محبوب جي حسن جي ذري تائين به نه رسندين_

## (۱۲)

سَهسين سِڄَڻِ اُڀِري، چوراسِي چَنڊَنِ،
بِرالله پِرِيَنِ، سَڀَ اُنداهِي پائِيان.

سوين سج اڀرن، يا اهڙا چوراسي چنڊ ڀيا چمڪن، ته به محبوب جي حسن جي مقابلي ۾ ان جي ۾، هن جي ڪا به اهميت نه آهي.

الله جو قسم ته، محبوب کان سواءِ مون کي اونده انڌوڪار ٿي ڏسجي.

محمد موسيٰ ڀٽو

عنايت الله

# نفس ۽ ماديت خلاف جنگ ۾



# ذڪر جو ڪردار

**تحت الشعور جي دروازي مان روحاني احوال جي ماخذ تائين پهچڻ**

علم النفس جي روشنيءَ ۾ هاڻ آئون اهو مفروضو پيش ڪريان ٿو ته تحت الشعور جون حدون مٿان کان توڙي ڪنهن ٻي هستي يا قوت سان مليل هجن، ليڪن ان جو هيٺاهون حدون ۽ ان جو تحتحاني حصو اسان جي معمولي شعوري زندگي جو ئي تسلسل آهي_ ان شيءِ کي تسليم ڪرڻ سان اسان جي تحقيق جو رشتو نفسي ۽ طبيعي سائنس سان قائم رهي ٿو. ان حقيقت کي عام طور تي دينيات نظر انداز ڪري ٿي، ان کي تسليم ڪرڻ سان اهل دين جو اهو خيال هڪ حيثيت سان برقرار آهي ته روحاني احوال ۾ پنهنجي ذات ناهي، بلڪ ڪا بالائي ۽ خارجي قوت عمل ڪري ٿي. ڇو ته تحت الشعور مان جو ڪجهه صورت پذير ٿئي ٿو ، تنهن جو ماخذ، صاحب حال کي پاڻ کان ٻاهر ۾ محسوس ٿيندو آهي، جيئن ته اسان جي نفس جون غير معمولي ڳجهيون قوتون ان احوال ۾ ظاهر ٿينديون آهن، اسان انهن جو ماخذ پنهنجي معمولي نفس کان برتر سمجهون ٿا، دراصل اهو اسان جي پنهنجي ئي نفس جو بلند تر يا عميق تر حصو هوندو آهي، جنهن جو عمل اسان کي خارجي يا برتر قوت جو عمل محسوس ٿئي ٿو. ان لحاظ کان فوقاني قوتن سان ربط ۽ اتحاد جو احساس ڪجهه غلط احساس ناهي، ڇو جو اهي قوتون جيتوڻيڪ اسان جون نفسي قوتون آهن، ليڪن اسان جي معمولي شعور کان برتر آهن. تحت الشعور جي دروازي مان احوال روحاني جي ماخذ تي پهچڻ اسان جي تحقيق ۾ وڏيون آسانيون پيدا ڪري ٿو. ( صفحه 730 )

**هستيءَ عالم جو اسان جي فهم جي سانچن ۾ نه اچڻ**

هستيءَ عالم يعني خدا محسوس ۽ معقول کان مٿاهون به آهي ته اسان جي نفس ۽ اسان جي زندگيءَ جون آخري حدون ان سان مليل پڻ آهن. اها هستي اسان جي حس ۽ فهم جي سانچن ۾ نٿي اچي سگهي. اسان سان ڳنڍيل اها مٿاهين هستي ڇا هي ؟ ان کي فوق العالم چئون يا ڪجهه ٻيو. بهرحال اسان جا نصب العين ۽ بلند بالا مقصد ۽ تحريڪات حيات اوڏانهن کان ئي اچن ٿا. عالم محسوس جي مقابلي ۾ ان عالم سان اسان جو رابطو گهڻو گهرو ٿو لڳي. اسين هِن عالم کان گهڻو هُن عالم جا باشندا آهيون.

دعا سان خدا سان رابطو قائم ٿيندو آهي ۽ تحت الشعور مان به ڪجهه قوتون ۽ بصيرتون ان عمل ۾ شامل ٿي، جيڪي نتيجا پيدا ڪن ٿيون. اهو ڪنهن ٻئي ذريعي سان پيدا نٿيون ٿين.

**انساني زندگيءَ ۾ ڪنهن بنيادي خلل جو پيدا ٿيڻ ۽ ان جو علاج**

نفس ڪشي جي روحاني معنيٰ ۽ ان جو ماخذ اهو يقين آهي ته انساني زندگيءَ ۾ ڪو بنيادي خلل موجود آهي، جنهن جو علاج ان کي ختم ڪرڻ بنا نٿو ٿي سگهي. انسان، نفس جي شر کان اکيون بند نٿو ڪري سگهي، نفس اماره جو مقابلو وڏي همت، جرئت ۽ ايثار گهري ٿو ۽ ڪمال درجي جي ضبط نفس ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ بنا تزڪيه نفس ممڪن ناهي، ان ڪري اهڙي انقلاب جي ضرورت آهي ته جڻ انسان پهرين حالت کان مري ٻيو جنم ورتو آهي. (صفحه 532)

**درويشي ۽ فقر سان عسڪري زندگيءَ جون سڀ صفتون واڳيل**

درويشي يا فقر، سخت زندگيءَ جو ٻيو نالو آهي، ۽ فقر جي زندگي سراسر جهاد آهي، ان خاموش ڪوشش ۾ نه شان شوڪت آهي، نه عوام جو جوش مدح، نه ريا، نه ڪوڙ نه دغا. جڏهن اسين ڏسون ٿا ته دولت جي حصول لاءِ ڊڪ ڊوڙ اسان جي موجوده نسل جي رڳ ۾ سمائجي وئي آهي ۽ انسان جي نفسي ۽ اخلاقي حالت کي خراب ڪري رکيو اٿائين ته اسين سوچڻ



لڳيون ٿا ته ڇا حيات فقر جو احياء ۽ اها تلقين، ته فقر، مذهبي زندگيءَ ۾ هڪ قابل فخر شيءِ آهي، ان مرض جو علاج نٿا ٿي سگهن. عسڪري زندگي جون سڀئي پاڪيزه صفتون ان ۾ داخل آهن، انهن کان علاوه انسانيت جون ٻيون به قدرون ان ۾ تربيت وٺي سگهن ٿيون. اسان جي نفس جي روحاني اصلاح انهيءَ انداز فڪر و عمل سان ٿي سگهي ٿي ته ماڻهو دولت طلبيءَ بجاءِ فقر کي اختيار ڪن ۽ ان کي نصب العين بڻائن. ( صفحه 541 )

**موجوده تهذيب جي زير اثر مردانگي ۾ ڪمي اچڻ**

موجوده تهذيب جي هڪ نمايان خصوصيت اها ٿي ڏيکارجي ته مادي آسائش ۽ دولت جي پرستش تمام وڌي وئي آهي، جنهن ڪري مردانگيءَ ۾ ڪمي اچي وئي آهي ۽ عورتپڻو وڌي ويو آهي، دولت جي خواهش ايتري عام ٿي وئي آهي، جو اسان کي افلاس کان ڊپ ٿو ٿئي.

هاڻي اسان جي سوسائٽيءَ ۾ جيڪي مٿيان طبقا سڏبا آهن، انهن جو هي حال آ ته مادي حسن ۽ آسائش جي اٽاٽ کان کين پوءِ ٿو ٿئي، ان خيال سان ڏکن ٿا ته بينڪ ۾ پئسا ٿورا هجن، محنت سان روزي ڪمائڻي پوي ۽ گهر ۾ ڪو ٻار جائي، زندگيءَ جي پيٽ ۾ اهو خيال ۽ سوچ مڙسي ۽ مذهب ٻنهي جي ابتڙ آهي، انهيءَ ڪري ضروري آهي ته ان خلاف احتجاج ڪيو وڃي.

اهو درست آهي ته دولت جيتريقدر اعليٰ مقصدن جي حصول لاءِ فرصت پيدا ڪري سگهي ٿي ۽ قوتن کي سٺن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جو سامان مهيا ڪري سگهي ٿي، ان حد تائين دولت افلاس کان بهتر آهي ۽ ان لاءِ ڪوشش ضروري ۽ جائز آهي، ليڪن تمام ٿورا اهڙا ماڻهو هوندا، جن جو اهڙو صالح فڪر هجي، گهڻا ماڻهو ته دولت طلبي جي جدوجهد ۾ بزدلي ۽ بد اخلاقي ئي ڏيکارن ٿا. (صفحه 542)

**اسان جي معمولي شعور کان علاوه ٻئي قسم جا شعور**

چند سال ٿيا، مون خود بہ پنهنجي ذات تي نائٽرس ۽ ڪسائڊ جي سڪر جو تجربو ڪيو مان ان تجربي سان جنهن يقين تي پهتس، تنهن جي صداقت جو يقين اڃان تائين برقرار آهي، اهو نتيجو هي آهي تہ اسان جو معمولي بيداريءَ جو شعور جنهن کي اسان عقلي شعور بہ چوندا آهيون، شعور جو هڪ خاص قسم آهي، جنهن جي چوڌاري شعور جا ڪيترا قسم آهن، اسان جي معمولي شعور ۽ انهن قسمن جي وچ ۾ سنهو پردو آهي، جيڪو ڪن حالتن ۾ هٽي وڃي ٿو شعور جا ٻيا قسم اسان جي معمولي شعور کان مختلف آهن، ان ڪري اهي اسان جي عقل ۽ ادراڪ زبان ۽ بيان جي سانچن ۾ نٿا اچي سگهن، اهو ٿي سگهي ٿو تہ اسين عمر ڀر انهن مان ڪنهن هڪڙي قسم کان بہ واقف نہ ٿي سگهون، پر ڪنهن مناسب محرڪ جي پيدا ٿيندي ئي فوري طور اهو ظاهر ٿئي ٿو.

اگر اسان ان قسمين قسمين شعورن کي نظرانداز ڪري حيات ۽ ڪائنات جي ڪا مڪمل توجيهہ ڪرڻ گهرون تہ اهو غلط ٿيندو. " (صفحہ 571)

انهن اقتباسن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ماده پرستيءَ جي ماحول ۾ رهي ڪري، بہ اگر ڪو ماهر تفسيات فطرت ۾ موجود جذبي کي بيدار ڪري، غور ۽ فڪر کان ڪم وٺي تہ اهو انساني شخصيت جي اصليت ۽ ان جي نفسياتي ساخت جي حقيقت کي سمجهي سگهي ٿو اهڙي طرح هو انساني نفسيات کي ماديت بجاءِ فطرت جي تقاضائن جي فهم جي مقصد لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو.

### مسلم نفسيات ۽ جديد نفسيات ۾ فرق

ذڪر جي موضوع تي ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ مغربي نفسياتي ماهرن جي حوالن جي ضرورت نہ هئي، پر جيئن تہ دنيا سوڙهي ٿي هڪ وڏي شهر جي حيثيت ڌاري چڪي آهي ۽ مسلم دنيا جو هر پڙهيل لکيل شخص ذهني ۽ نفسياتي طور تي جديديت جي حوالن سان ئي ڳالهہ ٻڌڻ گهري ٿو ڇو تہ سندن ذهني تربيت ئي اهڙي ٿيل آهي، ان ڪري هنن جي ذهني



اطمينان لاءِ ڪتاب ۾ جديد نفسياتي ماهرن جا حوالا پيش ڪيا ويا آهن، نہ تہ حقيقت هيءَ آهي تہ مسلم نفسيات تيرنهن سؤ سالن جي تحقيق ۽ تجربي بعد انساني نفسيات جي جن گهراين تائين پهتي آهي، ان جي ڏهين حصي تائين بہ جديد نفسيات ناهي پهتي.

### لڳاتار ذڪر سان اطاعت جو آسان ٿيڻ ۽ محبت جو پيدا ٿيڻ

ذڪر جي حوالي سان هڪ اهم نڪتو جيڪو سمجهڻ ضروري آهي، اهو هي آهي تہ هر شيءِ جي تڪرار سان دل ۽ ذهن ۾ ان شيءِ جا نقش مستحڪم ٿيڻ لڳندا آهن ۽ ان جو هر وقت فڪر ٿيڻ لڳندو آهي_ اهو تڪرار ان شيءِ يا ان شخصيت جي باري ۾ فرد جي دل ۾ محبت جا جذبات غالب ڪرڻ لڳندو آهي_ الله جي ذڪر جي تڪرار سان فرد ۾ اها ئي شيءِ راسخ ٿيڻ لڳندي آهي، يعني الله جي باري ۾ حساسيت ۽ خٽڪو ٿيڻ ۽ الله سان بي پناه محبت پيدا ٿيڻ، جڏهن ذڪر جي وري وري ڪرڻ سان محبت جا جذبا غالب ٿيڻ لڳندا آهن تہ ان جو نتيجو اطاعت جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ لڳي ٿو ۽ حقيقي محبوب جي اطاعت آسان ٿيڻ لڳي ٿي.

### نفس جي فنا کان اڳ روحاني استاد کان دوريءَ جا نتيجا

نفس ۽ ماديت جي قوتن سان وڙهڻ جي حوالي سان هڪ اهم ڳالهہ آڏو رکڻ ضروري آهي تہ فرد جيستائين تڪرار ذڪر ۽ صحبت صالحہ ذريعي نفس جي فنائيت جي مقام تائين نٿو پهچي، يعني جيستائين سندس نفس جي قوت جي شدت ۽ شهہ زوريءَ ۾ غير معمولي ڪمي نٿي اچي ۽ اسلامي شريعت تي هلڻ ۽ ظاهري توڙي ڳجهن گناهن کان بچڻ هن لاءِ آسان نہ ٿيو آهي،تيستائين ڪيس تڪرار ذڪر ۽ صحبت صالحہ جي ماحول جو مسلسل اهتمام ڪرڻ ضروري آهي، اگر انهيءَ ساري عرصي ۾ صحبت صالحہ ٻين لفظن ۾ روحاني استاد جي صحبت کان هو پري ٿيڻ شروع ٿيندو تہ نفسي

قوتون مٿس پوري شدت سان اهڙيءَ طرح حملہ آور ٿينديون، جو هو مادي ماحول جو حصو بڻجي ويندو.

ان اصول کي نہ سمجهڻ جي ڪري بيشمار ماڻهو نفس ۾ ماديت جو حصو بڻجي ويا.

**راهہ محبت، آزمائش جي راهہ**

طالب لاءِ ان نڪتي تي ڌيان ڏيڻ بہ ضروري آهي تہ راهہ محبت آزمائش جي واٽ آهي، معاش ۾ تنگي، صحت جو متاثر ٿيڻ ۽ ڪي ٻيا حادثا وغيره پيش اچي سگهن ٿا، طالب کي اهڙيون شيون آڏو اچي سگهن ٿيون. اهي سڀ شيون طالب کي پختو ڪرڻ لاءِ هونديون آهن تہ جيئن هو سڀني کان ڪٽجي ظاهري وسيلن کي بي توقير سمجهي پنهنجيون ساريون اميدون حقيقي محبوب ۾ رکي ۽ الله جي ذات تي توڪل وارو مزاج پختو ٿي وڃي.

بندي جي ابتلا ۽ آزمائش جي حوالي سان قرآن ۾ ڪيئي آيتون موجود آهن، هتي رڳو هڪڙي آيت پيش ڪريون ٿا.

احسب الناس ان يترڪوا ان يقولوا آمنا وهم لا يفتنون ( العنڪبوت آيت 2 .

( ڇا ماڻهو اهو ٿا سمجهن تہ اهو چوڻ سان ڇڏي ڏنا ويندا تہ اسان ايمان آندو سين، ۽ کين آزمايو نہ ويندو ).

ليڪن طالب کي تہ اهو يقين رکڻ گهرجي تہ محبوب ڪيس روزي جي معاملي ۾ ٻين جو محتاج نہ ڪندو. اهڙي آزمائش وقتي قسم جي هوندي آهي، البتہ باطني ڪيفيتن جي هيٺ مٿي ٿيڻ واري آزمائش، قلب تي جلالي صفات جي عڪس جي وردن جي ابتلا جو سلسلو طويل عرصي تائين جاري رهندو آهي، جيئن تہ نفسي قوتون ان کان سواءِ فنا ناهن ٿينديون، ان کان سواءِ نفس جو سڌارو نٿو ٿئي، ان ڪري طالب جون ڪيفيتن ۾ هيٺ



مٿاهينءَ جو عمل وڏي عرصي تائين جاري رهي ٿو ليڪن ان سان گڏو گڏ جمالي صفتن جي عڪس جي ذريعي هن تي سڪينت جي جن ڪيفيتن جو مسلسل ورود ٿيندو رهندو آهي، اهو طالب جي اضطرابي ڪيفيات ۾ توازن پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو آهن. ” قبض و بسط “ يعني بي چيني ۽ خوشيءَ جي وچ ۾ ئي طالب جو سفر جاري رهندو آهي، طالب جي امتحان جو سڀ کان دشوار وقت اهو ئي هوندو آهي، جڏهن هن جي ڪوشش جي باوجود سندس سموريون ڪيفتون سلب ڪيون ويندون آهن. ان امتحان ۾ صبر ۽ استقامت کان ڪم وٺندو رهڻ ۽ ورهين تائين محبوب جي جلالي صفتن جي تاٻن کي برداشت ڪرڻ، اهو طالب صادق جو ئي ڪم آهي، ٻين جي وس جي ڳالهہ ناهي، ليڪن ان امتحان ۾ ڪاميابيءَ جو جيڪو ڦل طالب کي نتيجي طور تي ملندو آهي، اهو مولانا روميءَ چواڻي، طالب کان هڪ زندگي ڇني، سؤ نيون زندگيون عطا ڪرڻ برابر آهي.

**منتهي طالب کي اصولن جي خلاف ورزيءَ تي ملندڙ سزا**

راه محبت ۾ اگر منتهي صوفي بہ اصولن جي خلاف ورزي ڪندو تہ ان کي بہ سزا ملي رهندي.

اصولن جي خلاف ورزي ۾ مالدارن سان قربت جا تعلقات پيدا ڪرڻ جي لاڙن جو غالب اچڻ ۽ ان لاءِ ڪوششون ڪرڻ، وڏ کان وڏ مريد ناهڻ ۽ انهن مريدن کان غلامي ڪرائڻ، عام ماڻهن سان رابطا ختم ڪري، وڏن وڏن ماڻهن لاءِ پنهنجا دروازا کولڻ، خود نمائيءَ جو مظاهرو ڪرڻ ۽ شرعي احڪامن جي شعوري طور تي خلاف ورزي ڪرڻ وغيره شامل آهي.

ان ڏس ۾ قرآن مجيد ۾ ڪن جليل القدر نبين لاءِ جيڪي آيتون موجود آهن، اهي پڙهي ڪري تہ طالب صادق جا وار ڪانڊرجي وڃن ٿا، جيتوڻيڪ انبياء ڪرام معصوم ٿيندا آهن ۽ هو الله جي حفاظت ۾ هوندا آهن، هنن جي ذريعي حقيقت ۾ اسان کي ٻڌائڻ مقصد هوندو آهي، هتي

اهڙي نوعيت جو ڪجهه آيتون پيش ڪجن ٿيون, تہ جيئن اسان لاءِ انتباهہ جي صورت پيدا ٿئي ۽ اهو چوڻ جي همت نہ ٿئي تہ اسين مجاهدن ۽ رياضتن سان ان مقام تي پهچي ويا آهيون, جتي اسان کي ڪائي شيءِ نقصان نٿي پهچائي سگهي.

فلا يصدنک عنها من لا يؤمن بها واتبع هواه فتردي ( طہ آيت 61 )

(جيڪو شخص ايمان نٿو رکي ۽ پنهنجي خواهش جو پيرو ڪار آهي, ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو هو توهانکي آخرت کان پري ڪري ڇڏي, اگر ايئن ٿيو تہ توهان هلاڪ ٿي ويندا )

هيءَ آيت حضرت موسيٰ عليہ السلام جي حوالي سان آهي.

ولا تتبع الهوي فيضلڪ عن سبيل الله ان الذين يضلون عن سبيل الله لهم عذاب شديد ( ص آيت 26 )

( ۽ خواهش جي پيروي نہ ڪر جو اها توهان کي الله جي رستي کان ڀٽڪائي ڇڏيندي, جيڪي ماڻهو الله جي رستي کان ڀٽڪي ٿا وڃن تن لاءِ سخت عذاب تيار آهي.

( اها حضرت دائود عليہ السلام جي حوالي سان آهي )

سورة ابراهيم ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام دعا گهري ٿو:

" واذ قال ابراهيم رب اجعل هذا البلد آمنا واجنبني وبني ان نعبد الاصنام رب انهن اضللن ڪثيرا من الناس " ( سورة ابراهيم 35_36 )

( ۽ جڏهن حضرت ابراهيم دعا گهري تہ اي منهنجا پروردگار هن شهر کي امن جي جاءِ بڻاءِ ۽ مون کي ۽ منهنجي اولاد کي بتن جي پوڄا کان بچاءِ, اي پروردگار هنن بتن ڪوڙ ماڻهن کي گمراهہ ڪيو آهي )

انبياء ڪرام تي الله جي شان عظمت جو جيڪو غلبو هوندو آهي, اگر ان جو ادنيٰ حصو بہ ملي وڃي تہ بزرگيءَ جي نالي تي دعويٰ کان بچڻ لاءِ اهو ڪافي آهي.



## الله جو اسم ذات ڪائنات جو بنياد

الله جي اسم ذات جي ذڪر جي اهميت ۽ ان جي بدولت زندگي ۾ پيدا ٿيڻ واري تابناڪيءَ جو اگر ماڻهن کي معمولي بہ اندازو ٿي وڃي تہ ماڻهو ان ذڪر لاءِ پرواني جيان فدا ٿي وڃي. الله جو اسم ذات ئي ڪائنات جو بنياد آهي, سارا مادي ۽ روحاني علم ۽ سمورا معارف اسم ذات مان ئي ڦٽي نڪرن ٿا, قرآن بہ الله جو اسم ذات جو حاصل آهي, ان ڪري قرآن جي سورة کان اڳم بسم الله موجود آهي, جنهن ۾ اسم ذات جو ذڪر, فرد کي پنهنجي طرف متوج ڪري ٿو قرآن, انهيءَ اسم ذات جو تفصيل آهي. جڏهن تہ اهو اسم ذات ان جو اصل ۽ ان جو اجمال آهي, لا الہ الا الله جو نفي اثبات جو ذڪر, جنهن کي افضل الذڪر فرمايو ويو آهي, ان ذڪر جو جوهر اعظم بہ اسم ذات ئي آهي, انهيءَ اسم ذات جي ذڪر جي تڪرار سان مسمي ذات جون ساريون صفاتي خصوصيتون فرد ۽ افراد تي اثر انداز ٿيڻ شروع ٿي وڃن ٿيون ۽ زندگيءَ کي بدلائي تخلقوا با اخلاق الله جو نمونو بنائي ڇڏين ٿي.

اسم ذات جي ذڪر جي ان ڪشش اهل الله کي هر دؤر ۾ سارن ڪمن کان يڪسو ٿي, مادي زندگي جي خوشحالي کان بي نياز ٿي, ان ذڪر جا مجاهدا ڪرڻ ۽ الله جي ٻانهن کي ان ذڪر طرف آڻڻ ۽ ان ذڪر جي بنياد تي انهن جي تربيت جي ڪم ۾ فنا ڪري ڇڏيو.

## حاصل ڪلام

حاصل هي آهي تہ انسان لاءِ الله واحد جي ذڪر ۽ عبادت کان بنا ڪوئي چارو ناهي.

مڙني نفسياتي بيمارين کان بچاءَ جي بہ واحد صورت اها آهي تہ مهذب انسان جي حيثيت سان زندگي گذارڻ جي سليقي کان واقف ٿيڻ جو رستو بہ اهو آهي, آخرت ۾ محبوب جي عتاب کان بچي ان جي ديدار کان مشرف ٿيڻ جي صورت بہ اهائي آهي, اسان جي هن ڪتاب جو حاصل اهو ئي آهي.

ڳالھ بلڪل صاف ۽ چٽي آهي تہ جنهن فرد ذڪر ۽ فڪر جي مجاهدن ۽ مخالصانہ اطاعت جي ذريعي ڪائنات جي خالق هستيءَ جو ساٿ حاصل ڪري ورتو هجي، هن ڪي پاڻ سان ملائي ورتو هجي، لاشعور ۾ موجود منفي قوتون ۽ ماديت پرستيءَ جون مقامي ۽ عالمي قوتون سندس ڇا ٿيون بگاڙي سگهن. هن ڪي ڇا ٿيون ڏيڄاري سگهن؟ بلڪ اهڙي شخصيت خود مادي قوتن لاءِ چيلينج جي حيثيت رکي ٿي ۽ ماديت پرست خود هن ڪان ڏڄڻ لڳندا آهن. هو پنهنجي حال سان هي چٽي رهيو هوندو آهي.

وهو معكم اين ما كنتم .

( هو توهان سان گڏ آهي، توهان جتي بہ هجو)

سنڌيڪار عبدالهادي ٿيبو

# هندوڏاها



# اسلام جي شاهراه تي

## ڊاڪٽر محمد اسد ( راج ڪمار ) سان ملاقات

ڊاڪٽر محمد: السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاتہ

احمد اواهہ: وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاتہ

سوال : ڊاڪٽر صاحب ڇگھو ٿيو ، جو توهان آيا آهيو ، ابي مون ڪي توهان ڪان انٽرويو وٺڻ لاءِ چيو هو. اصل ۾ اسان جو هڪڙو رسالو "ارمغان" نالي نڪرندو آهي، ان ۾ نو مسلمن جا انٽرويو ڇاپيندا آهيون_ ابي جي تمنا آهي تہ فوجي جي ڪنهن ساٿيءَ جو انٽرويو رسالي ۾ ڇاپجي، سو هاڻي توهان آيا آهيو.

جواب : پر ابي تہ نو مسلم جي لفظ ڪي ئي سنو نٿا سمجهن. منهنجو بہ خيال آهي تہ ان لفظ سان نقصان ٿئي ٿو. عام مسلمانن ۾ انهن جي ڌار حيثيت ٿي پوندي آهي، ۽ اسلام قبول ڪرڻ وارو پاڻ بہ ڪافي عرصي تائين گهٽين غلط فهمين ۾ رهندو آهي، ان ۾ سڀ ڪان وڏي ڳالهہ اها تہ هو پنهنجيون سموريون ذميواريون، مسلمانن جي ذميواري سمجهندو آهي. اها شيءِ هن لاءِ وڏي خطرناڪ ڳالهہ آهي، انهي ڪري آئون پنهنجو پاڻ ڪي نو مسلم نٿو سمجهان. جڏهن ڪان مون پياري آقا حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جو هي فرمان پڙهو آهي تہ هرڪو ٻار اسلامي فطرت تي پيدا ٿيندو آهي، پوءِ هن جا ماءُ پيءُ هن ڪي يهودي، مجوسي ۽ نصراني بنائي ڇڏيندا آهن. تہ آئون پنهنجو پاڻ ڪي پيدائشي مسلمان سمجهندو آهيان. الحمد الله وڌيڪ جيڪو توهين پڇو، آئون حاضر آهيان.

سوال : ڳالهہ تہ واقعي اها ئي سچي آهي، بهرحال توهان جو انٽرويو اسان جن دوستن لاءِ فائديمند ٿيندو، جيڪي دعوت جو ڪم ڪن ٿا. ان لاءِ بہ ٽي سوال پڇان ٿو.

جواب : ڀلي ضرور، خوشيءَ سان سوال پڇو.

سوال : توهان پنهنجو مختصر تعارف ڪرايو؟

جواب: هاڻي الحمدالله منهنجو نالو اسعد آهي، آئون ڳوٺ سرور پور ۾ جائو هوس. جيڪو هاڻي باغپت ضلعي ۾ آهي، هڪ هندو جاٽ زميندار گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هوس. منهنجي پيءُ، منهنجو نالو راجڪمار رکيو هو. مون پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي ورتي هئي. پوءِ بڙوت ڪاليج مان انٽر سائنس بائيلاجي ۾ ڪيم، الاهه آباد مان آيورويدڪ علاج جي ڊگري ورتم، اتان بي اي، ايم ايس ڪيم.

سوال : اسلام قبول ڪرڻ بابت ڪجهه ٻڌايو؟

جواب : منهنجو مسلمان ٿيڻ الله سائين جي صفت الهادي جو صفاتي ڪرشمو آهي، بي اي، ايم ايس ڪورس جو هائوس جاب ڪرڻ ڪانپوءِ آئون 3 اپريل 1993ع تي ڦلت ويس ۽ مولانا ڪليم صاحب جي هٿ تي اسلام قبول ڪيم، پوءِ جماعت ۾ وقت لڳايم. اڄڪلهه مظفر نگر ۾ پريڪٽس ڪريان پيو، ڳوٺ ۾ ڪلينڪ کوليم، پر الله کي منظور ڪونه هو ڪلينڪ ڪانه هلي سگهي، ٽن سالن تائين پابنديءَ سان اتي وينس، پر وريو ڪجهه به ڪونه. هڪڙي مائٽ مشورو ڏنو ته ڪانڌيله جي پرسان ايلم ڳوٺ ۾ ڊاڪٽر گهٽ آهن، ڪلينڪ اتي کول، دڪان به پنهنجي طرفان ڏنائين، مون والد صاحب سان مشهورو ڪيو پر، اتي به سجو سال پابنديءَ سان وهندو هوس، پر ڪلينڪ ڪانه هلي، جڏهن ايلم ۾ هوس ته انهن ڏينهن ۾ سنسر پال عرف فوجي جي دهشت گردي جو وڏو هل متل هو. چئني پاسي فوجيءَ جي گينگ جي دهشت پکڙيل هئي. خود ايلم جو ڳوٺ به ڇانوڻي بڻيل هو. پي اي سي لڳل هئي، پر روز خبرون اينديون هيون ته هتي فوجي آيو هو ۽ فلاڻو ماڻهو ماري ويو فلاڻي کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيائين. ملڪ جي اڪثر اخبارن ۾ فوجي جون خبرون اينديون رهنديون هيون. پوليس جي طرفان هن کي زنده يا مرده جهلڻ تي ٻه لک روپيا انعام مقرر هو. فوجي سان



منهنجي پري جي مائٽي هئي، ڪلينڪ مان مايوس ٿي، مون کي به هن سان گڏ رهڻ جو شوق ٿيو . بهرحال ڪنهن نه ڪنهن طرح هن سان منهنجي ملاقات ٿي وئي. قاتل ۽ ڏاڙيل فوجي جي شڪل ۾ مون کي هن جي اندر هڪڙو وڏو انسان ڏسڻ ۾ آيو ۽ ٻهرئين ملاقات ۾ آئون هن جو گرويده ٿي ويس، مون هن سان رهڻ جو فيصلو ڪيو.

سوال : توهين ته نهايت شريف خاندان سان تعلق رکو ٿا، توهان اهو فيصلو ڪئين ڪيو. توهان هن ۾ ڪهڙي ڳالهه ڏٺي، جو توهين هن جا ايترا چاهيندڙ ٿي پيا؟

جواب : هن جي شخصيت کي سمجهڻ لاءِ توهان کي هن جو داستان ٻڌڻو پوندو. اصل ۾ هو پاڻ بيحد شريف نوجوان هو. شڪل شباهت ۾ بيحد ملوڪ، جتان لنگهندو هو، ماڻهو ڪيس ڏسڻ تي مجبور ٿي ويندا هئا. هن کي فوج ۾ نوڪري ملي، هو ڏاڍو جذباتي ۽ مضبوط ارادي جو ماڻهو هو. جنهن آفيسر جي هٿ هيٺ هو ڪم ڪندو هو ان جي باري ۾ هن ٻڌو ته ان رشوت وٺي دشمن جي جاسوسن کي ڪي راز ڏنا آهن. هو تحقيق ۾ لڳي ويو ڳالهه صحيح ثابت ٿيڻ تي هن فيصلو ڪيو ته اهڙي ماڻهوءَ کي جيئڻ جو حق ڪونهي، مون کي هن کي مارڻو آهي. هن پنهنجو ارادو پورو ڪيو ۽ پنهنجي آفيسر کي گوليون هڻي ماري فوج مان ڀڄي ويو پنهنجي گهر هو وڃي نٿي سگهيو تنهن ڪري جهنگلن ۾ پيو رلندو هو پوليس هن جي ڳولا ۾ هئي، هو ڪڏهن ڪڏهن ٻڍاڻا ۾ هو هڪڙي قاري صاحب وٽ رات گذارڻ ايندو هو. قاري صاحب کي هو پنهنجو سائو ( محسن ) سمجهندو هو . قدرت خدا جي هن جو مقدمو فوجي عدالت ۾ ويو عدالت هن کي آزاد ڪري ڇڏيو. ان وچ ۾ بابري مسجد جي شهادت جو معاملو شروع ٿي ويو. ملڪ گرم ٿي ويو ايلم ڳوٺ ۾ ڪي غريب مسلمان رهندا هئا. هڪڙي ڏينهن اهي فوجي وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا ته ادا فوجي، اسان کي معاف ڪجو . اسين ڳوٺ ڇڏي ٿا وڃون، فوجي سبب پڇيو ته انهن ٻڌايو ته پرڌان (وڏيري ) جا گهر وارا مسجد کي

ڊاهڻ جو چون ٿا. جڏهن مسجد ڊهي ويندي تہ پوءِ اسان جو ڳوٺ ۾ رهڻ اجايو آهي. فوجي جواب ڏنو تہ جيسين آئون حيات آهيان،توهان جي مسجد کي ڪير بہ ڊاهي نہ سگهندو . پرڏان (وڏيري) سان فوجيءَ جي خاندان وارن جي انوٽت اڳ ۾ ئي هلندڙ هئي، پرڏان ( وڏيري ) چيو اهڙا فوجي سوين بہ اچي وجن، تہ بہ 6 ڊسمبر تي مسجد ڊاهڻ کان اسان کي ڪير بہ روڪي ڪونہ سگهندو، ڳوناٽا بہ بيوقوف هئا. اها ڳالهہ وجي فوجي کي ٻڌائي آيا. هن رائفل کنئي ۽ پرڏان جي پٽ ۽ پائٽي کي گوليون هٽي، ماري لاش مسجد جي اڳيان گهلي آيو ۽ مسلمانن کي چوڻ لڳو تہ هي توهان جي مسجد کي ڊاهڻ وارا آهن. هاٽي توهين آرام سان ڳوٺ ۾ رهو. پر پرڏان وارن ڪنهن طرح فوجي جي گهر ۾ ڏاڙو هٹايو. سامان لٽڻ سان گڏ عورتن جي بي عزتي بہ ڪري ويا. ۽ ماٹهو بہ ماري ويا. فوجي پنهنجي چاچي ۽ پاجائي جا لاش ڏٺا تہ اتي ئي سوگند (قسم) کاڌائين تہ جيستائين زنده آهيان. انهن جي خاندان وارن جو هڪڙو ماٹهو روز ماريندس، پوءِ پنهنجي گينگ ٺاهي، هڪڙو ماٹهو روز ماريندو هو. ڏاڙا ڦرون بہ ڪندو هو پر هو عجيب قسم جو ڏاڙيل هو. سڀ ڏاڙي ۽ ڦر مان هٿ آيل پئسا غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو نہ پاڻ ڪٹندو هو ۽ نڪي پنهنجي گينگ وارن کي کٹڻ ڏيندو هو. غريبن، بيوائن ۽ يتيمن جون شاديون ڪرائيندو هو. جيئن تہ غريبن ۾ گهڻا مسلمان هوندا هئا. ان ڪري مسلمانن جي مدد ڪندو هو. شايد ان تي الله جي رحمت کي جوش آيو ۽ ٻپاٹا ۾ هڪڙي رات هو قاري صاحب جي حجري ۾ ترسيل هو. مولانا ڪليم صاحب بہ هرياٹا جي سفر تان موٽندي قاري صاحب وٽ آيو . قاري صاحب سان ڪو ڪم بہ هوس، هو مسجد ۾ آيو تہ قاري صاحب ڏاڍو خوش ٿيو هن کي ڏسي فوجيءَ کي ڪجهہ هٻڪ ٿي، پر قاري صاحب هن کي چيو تہ آئون توهان جو ڇا آهيان ؟ هن چيو توهين منهنجا سائو (محسن) آهيو قاري صاحب چيو . هي منهنجو سائو آهي. مون کي توهان کي هن سان ملاقات ڪرائٹي هئي، مولانا صاحب ٻڌايو تہ مسجد جي حفاظت لاءِ ڏاڙيل بنجڻ



جي ڳالهہ تي مولانا ڏاڍو متاثر ٿيو هو ۽ هو ٻپاٹا تائين فوجي جي هدايت لاءِ دعا گهرندو آيو تہ اي الله، تنهنجي گهر جي حفاظت هن کي اتي پهچايو آهي، تنهنڪري هن کي ضرور هدايت ڏئي، مولانا صاحب پاڻ بہ هن سان ملاقات جو مشتاق هو. ملي خوش ٿيو.

مولانا فوجي کي چيو تہ، ساري علائقي ۾ هي قتل عام توهان ڇو پکيڙي ڇڏيو آهي. فوجي چيو مون سوچيو تہ موت تہ منهنجي ويجهو آهي، ڇو نہ ٿورو نالو ئي ڪمائي وڃان. مولانا چيو موت کي ويجهو سمجهو ٿا. تہ ان جي تياري ڪئي اٿو يا نہ ؟ هتي جي پوليس ۽ عدالت کان تہ بچي بہ سگهو ٿا. پر هُتي جي عدالت کان بچڻ ممڪن ڪونهي، فوجي چيو موت کانپوءِ ڪنهن ڏٺو آهي تہ ڇا ٿيندو؟ مولانا چيو جنهن ڏٺو آهي، تنهن ٻڌايو آهي تہ اتي جو معاملو ڏاڍو نازڪ آهي، اتي جي تياري جي ڳٹتي ڪريو فوجي چيو . آئون هتي هُتي جون ڳالهيون ڪونہ ٿو سمجهان، جڏهن توهين منهنجي سائو جا سائو آهيو تہ ٻڌايو تہ توهين ڇا ٿا چاهيو؟ مولانا چيو تہ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي وڃو فوجي ٺهہ پهہ چيو تہ پڙهايو ڪلمو توهان جي ابي ٻڌائيندو هو تہ مون سوچيو . هي ماٹهو مون سان پوڳ ٿو ڪري، مولانا هن جي پڪي ارادي کان اڃا واقف ڪونہ ٿيو هو پر هن ڪلمو پڙهايو ۽ هن ڪلمو پڙهيو ۽ چوڻ لڳو تہ هاٹي آئون مسلمان ٿي ويو آهيان، هاٹي موت کان پوءِ جي سزا ختم ٿي ويئي آهي؟ مولانا چيو هائو انشاء الله، ڏينهن مٿي ٿيڻ لڳو . هن پنهنجا هٿيار کنيا ۽ وڃڻ لڳو. مولانا پڇيو ڪٿي جو ارادو آهي، فوجي ٻڌايو تہ اسان جي هڪڙي فرد اسان جي هڪڙي ساٿي جي غلط مخبري ڪري پوليس جي هٿان هن جون ٽنگون ٻانهون ڀڃارائي ڇڏيون آهن. اڄ حسين پور جي باغ ۾ هن جو ڪم پورو ڪرڻو آهي، مولانا صاحب چيو تہ هاٹي اهو تہ ٺيڪ ناهي، هاٹي توهين ڪنهن کي قتل نٿا ڪري سگهو فوجي چيو توهان اهو تہ ڪونہ ٻڌايو هو مولانا صاحب چيو ڪلمي جو پهريون لفظ " لا " آهي جنهن جي معنيٰ آهي نہ، يعني الله جي نافرماني، قتل، ظلم، ۽ هر برائي نہ آهي،

فوجي چيو هي هٿيار تہ پيٽا ٿا گهرن! ان تي مولانا چيو تہ پوءِ اڄ مون کي قتل ڪر. سپاٽي قاري صاحب کي قتل ڪري ڇڏ. فوجي چيو آئون ڪو باولو (چريو) آهيان؟ مولانا صاحب چيو ائين جو توهين روز قتل ڪريو ٿا تہ ڇا توهين راولا ( عقلمند ) آهيو؟ فوجي چيو چڱو تہ پوءِ نہ آهي ؟ مولانا صاحب چيو بلڪل نہ آهي، فوجي چيو تہ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ اڄ کانپوءِ فوجي نہ قتل ڪندو ۽ نہ ڏاڙو هڻندو ڪجهہ بہ نہ ڪندو.

فوجي اسان وٽان هليو ويو. هن پنهنجي ساٿين کي گڏ ڪيو انهن ۾ 9 مسلمان ۽ 31 غير مسلم هئا. هن کي خبر ناهي تہ ڇو 40 جي ٻاڏيٽي ۾ ڪو اعتقاد هو. هن پنهنجي مسلمان ٿيڻ جي انهن کي خبر ڏني ۽ خواهش ظاهر ڪيائين تہ مون سان جن ساٿين ساهہ جو سودو ڪيو آهي، سي مسلمان ٿي وڃن. ٻئي ڏينهن فوجيءَ کي گرفتار ڪيو ويو . ديش جي سڀني اخبارن ۾ فوجي جي گرفتاري جون خبرون وڏين سرخين سان شايع ٿيون. تهاڙ جيل ۾ قيد ڪرڻ لاءِ ٽن مهينن جو آرڊر ڪڍيو ويو پر تهاڙ جيل پوليس معذرت ڪئي تہ فوجي، چار ڀيرا جيل مان ڀڄي ويو آهي، ۽ هن ڀيري بہ ڀڄي ويو تہ اسين ذميوار نہ آهيون.

سوال : توهان پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو احوال تہ ڪونہ ٻڌايو؟

جواب : جيل ۾ هن جو هڪڙو ڀاءُ ملاقات لاءِ آيو تہ هن سگريٽ جي ڪاغذ تي مولانا ڏانهن خط لکيو ۽ اهو خط مون ڏانهن موڪليائين تہ راجڪمار کي چئجو تہ جيڪڏهن توهان کي فوجيءَ سان محبت آهي، تہ ڦلت وڃي، مولانا صاحب وٽ ڪلمو پڙهہ ۽ جماعت ۾ هليو وڃ. ۽ هي خط مولانا صاحب کي ڏج ۽ منهنجا سلام سؤ دفعا چئج.هو مون سان ڏاڍي محبت ڪندو هو. آئون اهو خط ڪٽي ڦلت آيس، 13 اپريل 1993ع تي 12 بجي وقت ڦلت پهتس، مولانا کي اهو خط ڏنم، اهو خط ارمغان ۾ بہ ڇپيو آهي ۽ ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي اڄ تائين منهنجي ٻٽوئون ۾ رکيل آهي. هن خط ڪڍي ڏيکاريندي چيو هي آهي اهو خط:



پريہ مولانا صاحب، السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاتہ

توهان کي تہ سويم آتما وسيلي خبر پئجي وئي هوندي تہ آئون تهاڙ جيل ۾ آهيان، موت جي منهن ۾ آهيان، جيل جي هن تنگ زندگيءَ ۾ ايمان جي ڪري بادشاهيءَ جو مزو اچي پيو، بہ دوائم ( آخري ) اڇائون ( خواهشون ) آهن، هڪ تہ منهنجا سمورا ساٿي جن، مون سان ساهہ جو سودو ڪيو آهي سي ڪلمو پڙهن ۽ مسلمان ٿي وڃن، ۽ ٻيو تہ توهين هڪڙو دفعو مون سان ملاقات ڪري وڃو. ايمان سلامت آهي، توهان جي احسان جو بدلو آئون پنهنجي ڪل مان توهان لاءِ جوتيون ٺهرائي بہ ادا ڪري نٿو سگهان .

مولانا صاحب مون کي ڪلمو پڙهايو، ماني ڪارايائين،منهنجو نالو محمد اسعد رکيائين، ٿوري دير ڳالهيون ڪرڻ کانپوءِ مون کي وضو ڪرائي مدرسي وٺي ويو، اڳيئن ( ظهر ) نماز پڙهڻ لاءِ اسان نماز گڏجي پڙهي، مدرسي جا ٻار مون کي ڇتائي ڏسڻ لڳا، ڇو جو نماز ۾ مون هيڏانهن هوڏانهن پئي ڏٺو، مون کي نماز ڪانہ ٿي آئي، مون ڏهہ هزار روپيا مولانا صاحب کي ڏنا، مون کي جماعت ۾ وڃڻ لاءِ چيو ويو، مون مولانا کي چيو توهين هي پئيسا وٺو ۽ مون کي جماعت ۾ وڃڻ لاءِ پاڻ وٽان ڏار پئيسا ڏيو. مولانا صاحب چيو اهي پئيسا تہ اسين نٿا وٺون، البتہ توهان جي خرچ جو بندوبست ڪري ٿا ڏيون. انهن مون کي خرچ ڏنو، چار مهينا جماعت ۾ ويٺو هوس. جماعت ۾ مون کي ڏاڍو سنو امير مليو، هو بارهہ بنڪي جو هڪڙو ٽيچر هو، هن ٻڌايو تہ جماعت ۾ پنهنجي جان ۽ پنهنجو مال لڳائڻ گهرجي، تنهن ڪري آئون فقط هڪڙو چلو لڳائي موٽي آيس ۽ پنهنجو ڪم ڪرڻ جو پروگرام بنايم ۽ پئسا ڪمائي باقي بہ چلا لڳائڻ جو ارادو ڪيم ۽ موٽي ڦلت آيس.

مولانا صاحب، پهرئين تہ وقت ڪان اڳ موٽي اچڻ تي مون کي ڏسي پريشان ٿي ويو، پر جڏهن سبب ٻڌايم تہ ڏاڍو خوش ٿيو، مظفر نگر ۾ ڪلينڪ شروع ڪيم، پر هلي ڪونہ سگهيو، سال ۾ ٽي جايون بدلايم، پر ڪاميابي ڪانہ ٿي، هاڻي سال کن ٿيو آهي، جو مولانا صاحب استغفار جي

تسبيح پڙهڻ لاءِ چيو آهي ۽ روزانو ڪجهه نه ڪجهه خيرات ڪرڻ لاءِ به چيو آهي، الله جو شڪر آهي جو ڪم هلڻ لڳو آهي ۽ هاڻي حال ڪافي ٺيڪ آهي، ڪلينڪ مان مون پنهنجو گهر به ٺهرايو آهي

سوال : فوجي صاحب جو ڇا ٿيو؟

جواب : مولانا صاحب ٻڌايو ته فوجي جو خط پڙهي، تهاڙ جيل ۾ وڃي ملڻ لاءِ وڏي تڙپ پيدا ٿي پئي. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ اوڏانهن وڃڻ جو بهانو به پيدا ٿيو پر جنهن ڏينهن مون کي اوڏانهن وڃڻو هو هندوستان ٽائيمز ۾ خبر ڇپي ته سنسر پال خود ڪشي ڪري ڇڏي آهي، مولانا صاحب ٻڌايو ته مون کي ان خبر تي وڏو صدمو پهتو، اعصابن تي وڏو اثر پيو، مولانا صاحب ان المناڪ حادثي جو اطلاع پنهنجي شيخ کي ڏنو . مولانا صاحب چيو ته حضرت مولانا علي ميان کي اها ڳالهه ٻڌائيندي آئون سڏڪا پرڻ لڳس، حضرت مرحوم مولانا مون کي آٿت ڏني ۽ فرمايائين ته اسان کي اميد آهي ته هن ماڻهو خود ڪشي ڪانه ڪئي هوندي، پر جيڪڏهن هڪ سيڪڙو به ڪٿي ميجون ته هن خودڪشي ڪئي هوندي، ته به اها ڳالهه هن جي شروعاتي مسلماني جي ڏينهن ۾ ٿي آهي، انشاء الله، هن جي ڇڇاڙي موچاري ٿيندي، ڪجهه وقت کان پوءِ تهاڙ جيل جي هڪڙي مسلمان آفيسر، جيڪو ان وقت جيل جو ذميوار هو، تنهن مولانا کي ٻڌايو ته هن کان اڳ فوجي صاحب جيل مان چار ڀيرا ڀڄي چڪو هو، تنهن ڪري يوپي پوليس وارن معذرت ڪئي هئي، تنهن ڪري هن کي اليڪٽرڪ شاڪ هڻي ماريو ويو هو ۽ خود ڪشي جي خبر ڦهلائي ڇڏي وئي هئي، هن آفيسر وڏي افسوس جو اظهار ڪيو ته جيڪڏهن مون کي اڳ ۾ خبر پوي ها ته آئون ضرور ڪجهه نه ڪجهه ڪريان ها. فوجي جي الحمدالله اها خواهش ٿي، 31 غير مسلم ساٿين مان 23 الحمدالله مسلمان آهن. انهن مان 5_6 ته اهڙا آهن، جو عام ماڻهو انهن کان دعائون ڪرائيندا آهن، انهن مان هر هڪ تي جيڪر ڪتاب لکجي. الله جو عجب شان آهي، هو ڪٿان رحمت جون هوائون هلائي ٿو.



سوال : توهان جي شادي ٿي وئي هئي، گهر وارن جا ڪهڙا حال آهن ؟

جواب : هائو منهنجي شادي ٿيل هئي. گهرواري هر حال ۾ جيئن مون سان رهي، سا به مثالي ڳالهه آهي، هن منهنجي اسلام قبول ڪرڻ تي لحظي لاءِ به منهنجي مخالفت ڪانه ڪئي. منهنجي ڇڇڻ تي هن چيو ته مالڪ مون کي توهان سان ٻڌو آهي، آئون ڀارت جي پتني آهيان، توهان سان گڏ آهيان، خوشيءَ سان ستي ٿيڻ لاءِ به تيار آهيان، جماعت کان موٽڻ ڪانپوءِ مون هن کي اسلام سمجهائڻ شروع ڪيو ته هوءَ ڏاڍي خوش ٿي، الحمد الله منهنجا ٽي ٻار آهن، وڏي پٽ جو نالو ابوبڪر آهي، ننڍي جو محمد عمر ۽ نياڻيءَ جو نالو مون فاطمه رکيو آهي، وڏو ڇوڪرو حفظ پيو ڪري، ننڍو ٽئين ڪلاس ۾ پڙهي پيو فاطمه به هاڻي مدرسي وڃڻ شروع ڪيو آهي .

منهنجو ارادو آهي ته انهن ٽئيني کي يا الله مون کي جيترو به اولاد ڏيندو سڀني کي عالم،حافظ ۽ دين جو داعي بنائڻ جي ڪوشش ڪندس، گهر وارن شروعات ۾ ٿوري گهڻي مخالفت ڪئي هئي، ڪجهه ناراضگي به ٿي، پر مون تعلق قائم رکيو ۽ ماء پيءَ جي خدمت ڪندو رهيس، هر مهيني انهن لاءِ ڪانه ڪا شيء وٺي ويندو هوس، هاڻي اهي خوش آهن ۽ اسلام جي ويجهو ٿين پيا، منهنجو خيال آهي ته الله تعاليٰ خدمت ۾ وڏو اثر رکيو آهي. خدمت سان دليون ميڻ ٿيو وڃن، اسلام کان اڳ اسان والدين جي خدمت ڪانه ڪئي، پر هاڻي آئون ۽ منهنجي گهر واري جڏهن به گهر ويندا آهيون، ته انهن جي ڏاڍي خدمت ڪندا آهيون، هاڻي هو سڀني ڀائرن ڀيڻن کان اسان سان وڌيڪ محبت ڪن ٿا.

سوال : مسلمانن لاءِ ڪو خاص پيغام ڏيڻ چاهيو ٿا؟

جواب : ان لاءِ ڪافي وقت گهرجي، منهنجو خيال آهي ته اسان مسلمانن جو ٻاهريون ڪو دشمن ڪونهي، اسلام کان پري رهڻ اسان جي سڀ کان وڏي دشمن آهي: ۽ اسلام کان پري رهي، اسين، ساري انسانيت سان دشمني پيا ڪريون، تنهنڪري اسلام ۽ ايمان انهن جي سڀ کان وڏي

ضرورت آهي. اهي مسلمانن کي ئي اسلام سمجهن ٿا. ۽ موجوده مسلمانن کي ڏسي، اسلام کان هٽي وڃن ٿا، ۽ پنهنجي سڀ کان وڏي ضرورت ۽ پنهنجي ڇوٽڪاري جي واٽ کان اهي اسان جي ڪري پري ٿيا آهن. منهنجو خيال آهي تہ اسان کي پنهنجي لاءِ نہ، تہ بہ ساري انسانيت تي ئي رحم ڪري، انهن کي اسلام کان واقفيت ڪرائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ظاهري طرح ئي مسلمان بنجي وڃڻ گهرجي، خدا جي واسطي هن درد ناڪ پهلو ڏانهن توجہ ڪريو.

سوال: واقعي، ان موضوع تي ڏار گفتگو ٿيڻ کپي انشاء الله آئنده ان سلسلي ۾ وڌيڪ ڳالهيون ڪنداسين جزاڪ الله_ شڪريو.

جواب : انشاء الله ضرور، مون لاءِ تہ اهو ڏاڍو درد ناڪ موضوع آهي. اسان دعوت جو ڪم ڪرڻ وارن کي ان جو ڪافي تجربو آهي، بهرحال الله سائين جا لک شڪرانا، جو هن مون کي اسلام جي هدايت عطا فرمائي.

مولانا خير محمد نظاماڻي

# سنڌي صحافت جا ڪجھ ورق

## اميرن ۽ غريبن جي جنگ ۾ اسان جو ڪردار

سنڌ جي روزاني اخباري دنيا ۾ هندن جون اخبارون بہ آهن ۽ مسلمانن جون بہ، ڪانگريس جي حمايت ڪندڙ بہ آهن تہ مسلم ليگ جون طرفدار



بہ_ ليڪن ڏٺو ويندو تہ انهن مان هڪ هڪ جو هلائيندڙ يا گهٽ ۾ گهٽ سرپرست ۽ پٺ ڀرائيندڙ ضرور ڪونہ ڪو دولت مند ۽ سرمايہ دار هوندو.

سرمايہ دار جنهن جي ٻي معنيٰ آهي، وڏو واپاري يا وڏو زميندار، سو اگرچہ هندو بہ آهي ۽ مسلمان بہ، ليڪن جڏهين انهن سرمايہ دار جي ذاتي غرض يا ٻي معنيٰ ۾ وڏن واپارين ۽ وڏن زميندارن جي مفاد جي غريب مزدور ۽ هاري جي مفاد سان ٽڪر ٿئي ٿو، تڏهن ٻئي نڪي هندو آهن، نڪي مسلمان، بلڪ انهن جو انهي وقت جيڪڏهن ڪو مذهب يا ڌرم آهي تہ اها زميندار يا ڪارخانہ داري ۽ انهن جي جيڪڏهن ڪا قوميت آهي تہ اها سرمايہ داري ۽ دولتمندي.

جڏهن بہ هارين جي حقن جو سوال آيو هوندو، تڏهن هندو ۽ مسلمان زميندارن، هميشہ گڏجي هارين جي حقن جي مخالفت ڪئي هوندي ۽ ڪڏهن بہ مسلمان زميندار پنهنجي مذهبي ڀاءُ مسلمان هاري جي طرفداري ڪري، سندس مفلسي ۽ ذلت جي بار هلڪي ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي هوندي، اهڙي طرح جنهن وقت مزدور جي پگهار جي زيادتي يا ساڻس برتاءَ جو سوال آيو هوندو، تڏهن اهي ساڳيا هندڪي ۽ مسلمانڪي جا دعويدار سڀ گڏجي مسڪين مزدور جي نڙگهٽ تي لت ڏيڻ ۽ سندس پيٽ ڪاٽڻ کان نہ گٽا هوندا ۽ هندو ڪارخانن وارن ڪڏهن بہ هندو مزدور جي ذور بہ حمايت نہ ڪئي هوندي ۽ پنهنجي غريب هندو ڀاءُ تي ذور بہ رحم نہ ڪاڏو هوندو.

انهن سرمائيدارن جي نگاه ۾ نہ فقط مزدور هاري ئي ڪم قيمت يا ٻي حيثيت شي آهن، بلڪ هر اهو هندو ۽ مسلمان جيڪو غريب آهي يا جنهن جو ڪاروبار وڏو ناهي سو ذليل ۽ نيچ آهي.

مزدور ۽ هاري جي ڇا ڳالھ، اهي تہ سندن خيال موجب سندن ڪارخانن تي پلجن ٿا ۽ سندن زميندارين تي تڳن ٿا، ليڪن وڏا وڏا ڪاريگر ۽ هنر مند جي نڪي سندن ڪڙئي تي وينل آهن ۽ نڪي سندن

کارخانہ يا دڪان جا محتاج. سي بہ سندن نگاھہ ۾ اھڙائي حقير ۽ ذليل آھن جھڙا هاري ۽ مزدور!

ملڪ جو هر ڪا سبي ۽ ڪاريگر پوءِ اھو واڍو هجي يا رازو، لوهار هجي يا سونارو يا ٻيو ڪھڙو بہ ڌنڌو يا هنر اختيار ڪري، پنھنجو گذران ڪندو هجي، سو هنن سرمايہ دارن وٽ بلڪل بي قيمت آهي.

نہ فقط ايترو بلڪ ننڍڙا دڪاندار، ماستر، ڪلارڪ، ۽ سڀ ننڍا ننڍا سرڪاري ملازم يا آزاد روزگار ڪندڙ شريف انسان سندن نظر ۾ بلڪل معمولي ۽ بي وقعت آهن ۽ انهن جي سلام جو جواب ڏيڻ بہ سندن شان جي خلاف آهي. بلڪ جي ڪڏهن وڏي مهرباني ڪيائون تہ ڪٿي ڪنڌ مٿي ڪري ڪٽي هيٺ ڪندا ۽ بس!

## ڪانگريس ۽ مسلم ليگ

هن وقت ملڪ تي ٻن وڏين جماعتن ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جو ڏاڪو آهي، هندو خوش آهن تہ هندستان جي 11 پر ڳڻن مان اٺن ۾ تہ ڪانگريسين جو راڄ آهي. ۽ مسلمان بہ گد گد ٿي رهيا آهن تہ ٻيو نہ ٿيو تہ هندستان جي ٻن پر ڳڻن بنگال ۽ سنڌ ۾ تہ مسلم ليگ جي بادشاهي آهي.

اهڙي طرح مرڪز ۾ بہ عارضي طرح ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي حڪومت يا ٻئي معنيٰ ۾ هندڪو ۽ مسلمانڪو راڄ ٿي چڪو آهي ۽ دائمي اختيارات هٿ ڪرڻ جي ڪوشش انهن سيني خوشين ۽ شادمانن جو نتيجو ڇا؟ هنن ڪانگريسين ۽ ليگي راڄن هندڪين ۽ مسلمانڪين حڪومتن مان ڇا هڙ حاصل؟ ڇا اٽو رپئي جا سورنهن سير ٿيو. جو غريب هندو ۽ مسلمان پنهنجن ٻچن جو پيٽ پري ڏٽي جا شڪرانا ڪن؟ ڇا ڪپڙو ڇهہ وال روپئي جا ٿيو، جو مسڪين هندو ۽ مسلمان پنهنجون لڄون ڍڪي سگهن، ڇا ڪنڊ، گاسليٽ ۽ ٻين ضروري شين تان ڪنٽرول لٿو ۽ غريبن کي عام جام اهي ملڻ لڳيون؟ ڇا امير جي محلات وانگر غريب جي جهوپڙي ۾ بہ اهو اثر پهتو تہ هندستان جي مرڪزي حڪومت انگريز جي



بدران هندستاني هلائي رهيا آهن؟ ڇا جهوپڙن وارن تي انگريز جي راڄ ۾ جيڪي ڏک هئا، سي هن ديسي راڄ ۾ لهي ويا؟ ڇا ڪانگريس ۽ ليگ، مرڪز ۽ صوبن ۾ انگريز کان جو مال غنيمت حاصل ڪيو آهي، تنهنجي ڪا پتي ڪو هزارون حصو بہ ڪانگريس ۽ ليگ جي ليڊرن ۽ سندن عزيزن ۽ دوستن کان لنگهي غريبن تائين پهتو؟

بيشڪ يوپي ۽ ڪانگريسي وزارت برسراقتدار آهي، ليڪن انهي جو فائدو پنڊت پنٿ ۽ ڪرشن سنها ۽ سندن ساٿي وزيرن ۽ سندن عزيزن دوستن ۽ سندن جهڙن دولت مفدن ۽ سرمايہ دارن تاءِ محدود آهي، جو يوپي ۽ بهار جا غريب هندو انهيءَ عذاب ۾ آهن. جنهن ۾ هن کان ڏهہ سال اڳ هئا، بلڪ ڪن حالتن ۾ ڏسبو تہ اتي جي غريب هندو ۽ مسلمان آبادي اڳئين کان وڌيڪ ڏتڙجي ۽ برباد ٿي ويئي آهي.

بنگال ۽ سنڌ ۾ بيشڪ مسلم ليگ جي وزارت آهي، ليڪن سهروردي، غلام حسين ۽ ٻيا سندن جهڙا چورن جا پاءُ ڳنڍي ڇوڙ الوليون ڪري ۽ موجون ماڻي رهيا آهن ۽ سندن عزيز دوست ۽ سندن جهڙا سرمايہ دار ۽ دولت مند هندو ۽ مسلمان نيڪن ڪنٽرول مان خوب جاوا ڪري رهيا آهن ليڪن سنڌ جي غريب مسلمان کي جيڪڏهن ڪي نصيب ۾ آهي تہ اها بک ۽ اگهاڙ ڪامورن جي پيڙا ۽ رشوت ۽ رسائي جي ڦرمار!

سينٽرل گورنمينٽ يا مرڪزي سرڪار ۾ بہ ڪانگريسي ۽ ليگي ليڊرن ۽ سندن يارن دوستن ۽ مٺن مائٽن جي خوب ٻيگهي مٿي پئي آهي ۽ سردار پٽيل ۽ نواب زاده لياقت علي جي رفيق ۽ هم مجلس جون پنجئي گيهہ ۾ آهن. ليڪن جيڪڏهن ڪو داد فرياد ناهي تہ ويچاري غريب جو مزدور ۽ هاري جو، ڪاريگر ۽ ڪا سبي جو پوءِ اهو مزدور ۽ هاري اهو ڪاريگر ڪاسبي هندو هجي يا مسلمان، ڇاڪاڻ تہ سرمايہ دار تي مسلمان غريب کي چپڻ، مارڻ ۽ سندس رت پٽ چوسي، کيس تباه ڪري ڇڏڻ، اهڙي طرح جائز بلڪ فرض آهي جهڙي طرح غريب هندو کي ۽ ساڳي طرح هندو

سرمايہ دار ئي مسڪين هندو جو هر حيلي سان الهو ٿلهو لتي ۽ سندس بازن جي ڪمائي ۽ پگهر جي پورهئي کي ڦري پنهنجون اڃيون عمارتون بنائڻ اهڙي طرح لازم آهي جهڙي طرح غريب مسلمان ڪي!

**لنيون جهلي پولڙو ۽ ڪتيو ڪائي فقير!**

ڪانگريس هجي يا ليگ ٻنهي جي دڪان جي چمڪ دمڪ ۽ جوت جلوي جو مدار غريب طبقي تي آهي، لکن ۽ ڪروڙن جي تعداد ۾ ميمبر بنجي جماعت جي ڏاڪ اهي وهارين. هزارن ۽ لکن جي تعداد ۾ جلسن ۽ جلوسن ۾ شامل ٿي ليڊرن جي عزت ۽ جماعت جو شان اهي بلند ڪن_ الله اڪبر، بندي ماترم، زنده باد ۽ مرده باد جا هوڪرا هٽي آسمان مٿي تي اهي ڪٽن_ وقت آئي پوليس جون لٺيون، سنگينون ۽ گوليون اهي سهن. رضاڪار ۽ والينٽر جلسن جو انتظام اهي ڪن، مخالف ڌر جا پٿر ۽ سرون اهي سر تي سهن، ليڪن جڏهن انهن ٻنهي جماعتن جي عهده دار ٿيڻ جو وقت اچي، تڏهن هڪ ٿلهو متارو سيٺ صاحب يا نواب صاحب ۽ رئيس صاحب اچي ڏمڪندو ۽ اهو ئي سڄي صوبہ جي سرداري جي پڳ پائي اچي ڪرسي تي وهندو ۽ اسٽيج تي پڌاريندو ۽ ويچارو غريب جنهن رت پونءُ ولوڙي اهو سڄو کيل رچيو ۽ مانداڻ منديو، سو هيٺ ڪٽي ٽڪن ۽ جتين ۾ پري پيو هوندو ۽ بس!

ساڳيءَ طرح غريب جي قربانين جي سبب هندستان ڪي صوبہ وار خود مختياري ملي ۽ مرڪز ۾ عارضي سرڪار قائم ٿي، ليڪن انهي عارضي سرڪار ۾ آهي ڪو غريب؟ صوبن جي وزارتن ۽ ميمبرن ۾ آهي ڪو غريب؟ ڇا؟ ڪانگريسي پر ڳٽن ۾ آهي ڪنهن غريب هندو کي حڪومت ۾ عهدو؟ ڇا مسلم ليگ وزارت ۾ آهي ڪو غريب مسلمانن جو حصو؟ سنڌ جو صوبہ جتي جي پنجٽيهہ لک مسلمانن مان پورا چوٽيهہ لک هاري، مزدور ۽ ڪاسبي آهن. آهي ڪو انهن مان سنڌ جي سرڪار ۾ميمبر ۽ وزير؟



ڇا غلام حسين اينڊ ڪمپني سرمائيدار ۽ سرمائيدارن جا عيوضي آهن يا غريب ۽ غريبن جا عيوضي؟ ڇا هنن هن ڪان اڳ ڪئي آهي، ڪا غريب نوازي؟ ڪئي آهي، ڪا هاري ۽ مزدور پروري؟ ڇا هنن جي حڪومت ۾ ٿيو آهي غريبن جو داد ۽ ٿيو آهي ڪامور ڪو ظلم برباد؟

مطلب تہ ڪانگريس هجي يا ليگ، ٻنهي جو شان غريبن مٿي ڪيو ۽ ٻنهي کي آسمان تي چاڙهي انگريز جي نگاه ۾ وڏو ۽ معتبر غريبن بنايو ، ليڪن جڏهن عهدن، ميمبرين ۽ وزارتن جو وقت آيو، تڏهن ساڳيا غريب جا دشمن سرمائيدار اچي ميمبرين ۽ وزارتن کي اباڻي ملڪيت وانگر والاري وهي رهيا ۽ ويچاري غريب کي ڪنهن پڇيو بہ ڪونہ تہ هي ڪهڙي باغ جي موري آهي. انهي کي چئبو آهي، ” لنيون جهلي پولڙو ۽ ڪتيو ڪائي فقير“

**روهہ رلا مٿي ڪلا!**

هندستان جي آزادي يا صوبائي خود مختياري ٻنهي مان غريبن کي ڇا مليو؟ غريب ونڻ لاءِ جائو ئي ناهي ۽ غريب هميشہ ڪجهہ ڏيڻ ۽ وڃائڻ لاءِ جائو آهي ڇاڪاڻ تہ ونڻ ۽ حاصل ڪرڻ، اهو سرمايہ دارن ۽ ليڊرن جو ئي پيشو آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن عهدا ورتا تہ بہ ڪانگريس ۽ ليگ جي ليڊرن، سيٺين ۽ زميندارن ۽ وزارتون ۽ ميمبريون حاصل ڪيون بہ تہ انهن ساڳين بزرگن! ليڪن انهن ڪانگريسي ۽ ليگي وزيرن ۽ عهده دارن جي حڪومت ۽ غريبن کي ڇا مليو؟ بنگال ۽ بهار جا هندو مسلم فساد، بمبئي احمد آباد، ڪانپور ۽ دهلي جي خانہ جنگي، هندو ۽ مسلمان غريب جي پاڻ ۾ مارا ماري_ هزارن هندو مسلمانن جو بيگناه ڪوس، هندو ۽ مسلمان زالن جي بي حرمتي! هزارين ٻچا يتيم ٿي ويا_ هزارين سهاڳڻيون ڏهاڳڻيون ٿي ويون_ هزارين مائون پنهنجي ٻچن لاءِ روئي روئي انڌيون ٿي ويون ۽ آباديون جون آباديون ويران ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ برباد ٿي ويا ڇا لاءِ؟ انهي لاءِ تہ اسان جن سرمايہ دارن ۽ ڪانگريسي ۽ ليگي ليڊرن جي پاڪستان ۽ اکنڊ هندستان جي شطرنج انهي خون جي هولي ڪان سواءِ ڪيڏ جي نٿي سگهي!

ڇا انهي بربادي ۽ تباهي ۾ ڪو ليڊر صاحب به ڪنو، ڪو مسلم ليگ جو قائد اعظم، رهنما، مجاهد ملت، فخر قوم مئو؟ نه نه، بلڪ مسلم ليگ جو ڪو معمولي عهده دار به ضايع نه ٿيو، ڪو دولتمند ۽ جاگيردار ليگي به ڪم آيو؟

ڇا انهي هنگامي ۽ فساد ۾ ڪانگريس جو ڪو مهاتما گيتا ۽ ويريو مئو ۽ ڪو ڪانگريسي سيٺيو ۽ راجه صاحب به ضايع ٿيو؟ نه بلڪل نه، بلڪ جيڪڏهن مئا ته اهي غريب، اهي مزدور ۽ هاري اهي ڪاريگر ۽ ڪاسبي، اهي هٿن سان پورهيو ڪري ٻچن کي پاليندڙ مسڪين ۽ بس! مطلب ته غريب هندو هجن يا مسلمان، انهن کي جيڪڏهن سندن بک ۽ اگهاڙن کان وڏيڪ مليو ته اها هڪ ٻئي ۾ مارا ماري ۽ بربادي- انهي کي ڇئبو آهي روهه رلا مٿي ڪلا!

## ڇيڙٽو پور تماشو ڏس!

1919 ۾ جليانواله واقعي ۾ به جي ڪڏهن مئا ته غريب، 1932 جي قصه خواني پشاور ۾ جيڪڏهن شهيد ٿيا ته به غريب، مسجد شهيد گنج لاءِ جي ڪڏهن سر ڏنو ته به غريبن_ چاڪيواڑا ڪراچي جي حادثي ۾ جيڪڏهن موت جي منهن ۾ ويا ته به غريب_ سکر فساد ۽ مسجد منزل گاهه معاملي ۾ جي ڪڏهن قربان ٿيا ته به غريب_ هن وقت بنگال، بهار ۽ ٻين هنڌن ۾ جي ڪڏهن مارجي ۽ برباد ٿي چڪا آهن ته به غريب_ آخر غريبن تي اها ڇو بنجي آئي آهي جو هميشه هوئي موت جي منهن ۾ وڃن. ڇا هندو سرمايه دارن، زميندارن ۽ سيٺين ۽ دولت جي زور تي بيٺل ليڊرن تي ئي فرض ناهي ته هو به ڌرم ۽ ديس لاءِ جانيون ڏيئي امر ۽ سرڳرواسي ٿين؟ ڇا مسلمان زميندارن ۽ سيٺين ۽ پيسي جي زور تي ليڊر ۽ رهنما تي لازم ناهي ته هو به قوم مذهب جي نالي تي سر ڏيئي شهيد ٿين ۽ بهشت ۾ گهڙن؟

نه نه مرڻ ۽ ڪسڻ غريب جو ڪم آهي، جنهنجو نه الهه نه لهه ۽ نه اوهي نه واهي جيڪڏهن سرمايه دار يا ليڊر صاحب ڪنهن ميدان ۾ ڪسي ۽



قربان ٿئي ته پوءِ سندس جائداد جو ڪهڙو حال ٿيندو_ زميندار جي سنڀال ۽ قرض جي وصولي ڪير ڪندو، مزدورن ۽ هارين جي پگهر جو پورهيو ٻهاري ڪير اچي گڏ ڪندو؟ جلسن جي صدارت مونسپل، لوڪلبورڊ بلڪ اسيمبلي جي ممبري ۽ وزارت ڪير هلائيندو؟ غريبن جي موت تي ڪوڙا لڙڪ ڪير وهائيندو؟ شهيدن جي شهادت تي همدردي جو ريزوليشن ڪير پاس ڪندو، ۽ تحقيقاتي ڪميشن جو مطالبو ڪير ڪندو؟ شهيدن جي پسماندن ۽ بيواهن جي امداد لاءِ چندي جون اپيلون ڪير ڪندو؟ هندو ۽ مسلمان غريبن ۾ وري نئين خونريزي ڪير ڪرائيندو؟ اهي سڀ ڪم انهن سرمايه دارن ۽ ليڊر صاحبان کي ئي ڪرڻا آهن، تنهن ڪري مرڻ، مارڻ ۽ هڪ ٻئي ۾ پاڪستان ۽ اکنڊ هندستان جي نالي ۾ خونريزيون ڪرڻ ۽ هندو ۽ مسلمانن جي نالي سان جنگ جا ميدان رچائڻ، فقط غريب هندو ۽ غريب مسلمان جو ڪم آهي، باقي دولت مند ليڊر هندو هجن يا مسلمان اهي رڳو ڇيڙٽو پوريندا ۽ تماشو ڏسندا ۽ بس!

## پرائي دهل تي احمق نچي!

ليگ هجي يا ڪانگريس ٻئي سرمائيدارن جا اڏا آهن ۽ وڏن ماڻهن جي وڏيڪ وڏ ماڻهپي حاصل ڪرڻ جا دوڪان آهن ۽ غريب هندن ۽ مسلمانن کي چپٽي تي نچائي، پنهنجا ۽ پاڻ جهڙن وڏن زميندارن ۽ سيٺن لاءِ ممبريون ۽ وزارتون هٿ ڪرڻ جا ذريعا آهن ۽ بس!

غريبن کي معلوم هجڻ گهرجي ته سندن پلو نه ڪانگريس وٽ آهي ۽ نه ئي ليگ وٽ، بلڪ اهي ته ڪانگريس ۽ ليگ جا سرمايه دار ليڊر ئي آهن جي آزاد هندستان ۽ پاڪستان جا دهل وڄائي غريبن کي نچائي رهيا آهن ۽ غريب هندن ۽ مسلمانن جي لاشن جي انبار تي پنهنجي ليڊري، عزت ۽ دولت جي عمارت اڏي رهيا آهن ۽ انگريزن کي غريبن جا بي پناهه هجوم ۽ غريبن جي رت جا درياءُ ڏيکاري پنهنجي لاءِ نوان سڏارا، نمان عهدا ۽ نيون ميمبريون ۽ وزارتون هٿ ڪري رهيا آهن نه فقط پاڻ بلڪ پنهنجن عزيزن،

دوستن ۽ پيالي پائين کي اهڙي طرح ورسائي رهيا آهن جو سندن ست پيڙهيون کائيندريون رهنديون.

قربانيون غريب ڏنيون، مصيبتون غريب سٺيون، ليڪن ڪانگريسي ۽ ليگي پرڳڻن ۾ غريب کي نہ اٽو پورو مليو، نہ لٽو ۽ نہ امن مليو، نہ اجهو ۽ جيڪي ڪجهہ غريبن جي زور تي انگريز کان ورتو ويو، سو سڀ وڏا ماڻهو پاڻ ۾ وراهي کڻي ويا ۽ غريب کي جيڪڏهن ڦبيو تہ زنده باد ۽ مرده باد جو نعرو ۽ بکئي پيٽ ٻچن جون ڪيهون ۽ ريهون!

غريب جي اهڙي بري حالت ڇو ٿي؟ انهي لاءِ تہ غريب پنهنجو پاڻ نہ سڃاتو ۽ اهو نہ سڃاتو تہ اسٽيجن تي چڙهي آزادي ۽ پاڪستان جا نعرا هڻندڙ سندس ساٿاري ناهن، سندس هم مجلس ۽ هم جنس ناهن، بلڪ آهن تہ اهي دولت مند آهن،جن هميشہ غريب جو رت چوسيو آهي ۽ هميشہ غريب جي عزت ۽ آبرو سان کيڏيو آهي ۽ اهي آهن، جنجي گهرن ۾غريب جي چوري ۽ لٽ جو مال اچي گڏ ٿيو آهي، انهن جون شاندار محلاتون، سربفلڪ عمارتون ۽ ميلن ۾ پکڙيل زمينداريون، شاهي ڪارخانا ۽ فئڪٽريون ٻڌائي رهيا آهن تہ اها سڀ غريبن جي هڏن جي ڪمائي آهي ۽ غريبن جي پگهر جو پورهيو آهي، جو هتي اچي گڏ ٿيو آهي، اهو غريبن جو رت آهي، جنهن کي ڪيمياوي ترڪيب سان زميندارري ۽ ڪارخانہ داري سان بدلايو ويو آهي، جنهن کي عقل ۽ تدبير سان خوشنما ۽ فلڪ بوس عمارتن جي شڪل ڏني وئي آهي.

سرمائيدار طبقي هڪ تہ اڳيئي غريب جو چڱي طرح ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو هو، ليڪن نئين دنيا ۾ وري اهو طبقو نئين شڪل ۾ ظاهر ٿيو، ڪانگريس ۽ ليگ جي ليڊر جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو آزاد هندستان ۽ پاڪستان جي حصول جي نالي ۾ ظاهر ٿيو رام راڄ ۽ اسلامي حڪومت جي دعويداري جي بهاني تي ظاهر ٿيو۔ في الحقيقت هن چالاڪ ۽ غريب ڪش طبقي کي نڪي رام راڄ بنائڻو هو، نڪي اسلامي حڪومت قائم ڪرڻي هئي، نڪي



هنن کي پاڪستان کپي ۽ نہ وري آزاد هندستان، بلڪ هنن کي انهن دعوائن، نعرن ۽ اسلامي حڪومت ۽ رام راڄ جي ڏٽن تي غريب کي استعمال ڪرڻو هو ۽ پنهنجي لاءِ سرمائيدار گئنگ لاءِ وڏيڪ سرمايو ۽ عزت هٿ ڪرڻي هئي، جا هنن ڪئي ۽ اڃا بہ ڪندا ۽ پاڪستان ۽ اکنڊ هندستان جا دهل وڄائي، غريب کي خوب نچايو ويو۔ ۽ غريب ويچارو پنهنجي ساده دلي ۽ بيوقوفي سبب هن پرائي دهل تي بکيو ۽ اگهاڙو هوندي خوب نچندو رهيو۔ ليڪن غريب کي معلوم هجڻ گهرجي تہ سرمائيدار هندو هجن يا مسلمان انهن جو هٿيو بنجڻ سندن لاءِ تباهي ۽ بربادئ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي، کين پنهنجو پاڻ سنڀالڻ گهرجي ۽ سرمايہ دار جماعت ڪانگريس هجي يا ليگ، انهن کان جدا پنهنجي تنظم ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ پرائي دهل تي نچڻ احمق جو ڪم آهي ۽ هن کان وڏيڪ ڪهڙي حماقت ۽ بيوقوفي ٿيندي، جو غريب هندو ۽ غريب مسلمان هي سمجهن تہ سندن پلو سرمايہ دارن کان ٿيندو ۽ سندن فائدو وڏن پيٽن وارن لا لائن ۽ سيٺين کان ٿيندو ۽ رئيس ۽ نوابن کان ٿيندو؟ ڇا جي ماڻهون غريبن سان ڳالهائڻ کي عار سمجهن ۽ غريب جو منهن ڏسندي کين بڇان اچي ۽ غريب سان هڪ هنڌ تي وهندي ۽ کائيندي کين ڦئي ٿي اچي، سي غريب جا ٿيندا ۽ غريب جو پلو ڪندا؟ غريبو! اکيون کوليو، پنهنجي ازل جي دشمنن ۽ هميشہ جي ويرين جا هٿيا بنجي پاڻ کي برباد نہ ڪريو!

**باب الاسلام جي نئين زندگي!**

”باب الاسلام“ هفتہ وار اخبار هئي، هن وقت هن جي نئين زندگي ۽ نئون دور آهي جنهن ۾ هو هفتہ وار جي بدران روزانہ نڪرندي.

”باب الاسلام“ اگرچہ روزاني نڪرندي، ليڪن هن جو سائيز ۽ ڪروفر اهڙو نہ هوندو، جهڙو عام روزانہ اخبارن جو آهي ڇاڪاڻ تہ هي غريباڻو آواز آهي ۽ هڪ درد مند دل جي صدا آهي ۽ هن کي ڪنهن سرمايہ

دار جي سرپرستي ناهي ۽ ڪنهن دولتمند جي هن تي ڇانئڻ ناهي ۽ ڪنهن دولتمند پارٽي ڪانگريس يا ليگ جي پٺ ناهي.

باب الاسلام ڪرائون سائيز جي چوٿين حصي جي چئن صفحن تي نڪرندي، سندس پاليسي غريبن جي همدردي، غريبن جي اصلاح ۽ غريبن جي تنظيم ٿيندي ۽ سنڌ جي هندو ۽ مسلمان غريبن. پوءِ ڇاهي اهي مزدور هجن يا هاري، ڪاريگر هجن يا ڪاسبي ڪلارڪ ۽ ماستر هجن يا ننڍڙا دڪاندار سيني کي هڪ پليٽفارم تي گڏ ڪري، سرمائيداري نظامن سان جنگ جوٽڻ آهي، پوءِ اهو سرمائيداري ظلم ڇاهي انگريزي راڄ جي شڪل ۾ هجي يا ديسين جي، ڪانگريسي ۽ ليگي راڄ جي صورت ۾ ۽ اهو نظام ڇاهي زميندار ۽شاهوڪاري آپيشاهي جي شڪل ۾ هجي يا ڪامورڪي ظلم ۽ عملداري دٻاءُ جي صورت ۾!

باب الاسلام جي اها جنگ هن باطل سان تيستائين رهندي، جيستائين غريبن جو حق تري ۽ حڪومتي سرشتو ۽ طاقت سرمايه دار ڪان ڪسجي غريب جي هٿ ۾ اچي_ انهي سان گڏ باب الاسلام اسلامي اعمال ۽ اخلاق جي اشاعت به ڪندي رهندي، ڇاڪاڻ ته اسلامي اخلاق ۽ اعمال جو بنياد انساني مساوات، عدل ۽ خدمت خلق تي آهي ۽ اسلام هڪ اهڙو دين آهي جو دنيا مان مال و دولت جون پيدا ڪيل وڏ ماڻهپون ۽ انسان جو انسان تي ظلم ۽ بيداد مٽائي ساري انسان ذات کي هڪ عالمگير برادري ۽ گڏيل ڪٽنب بنائڻ گهري ٿو ۽ بس!

اي الله تون اسان کي سڌو رستو ڏيکار ۽ سچائي تي هلڻ جي توفيق ڏي. اسان جو دل، دماغ، ضمير ۽ قلم تنهنجي پناه ۾ آهي!

## غريبو اڳتي وڌو!

اسان باب الاسلام جي پهرئين ايڊيٽوريل ۽ اولين مقالي ۾ ظاهر ڪري چڪا آهيون ته باب الاسلام غريبن جي پاران سرمايه دار دنيا سان جنگ جو ناد وڄائي ميدان ۾ نڪتي آهي ۽ باب الاسلام جي قلم جي تلوار هر انهي



زميندار، ڪارخانه دار ۽ عملدار جي گردن تي وهندي رهندي، جيڪو غريبن کي ستائي ٿو، غريب خلق کي ذليل ۽ بي عزت ڪري ٿو.

اسان جي انهي اعلان سرمايه دار دنيا ۾ هڪ ٽرٽلو وجهي ڇڏيو آهي ته هاڻي سندن ڪهڙو حال ٿيندو.

هيستائين ڪيترائي پاپ جا گهڙا ۽ ظلم جا پتلا ملڪ جي سياسي جماعتن، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جون پاڻ تي ليبلون لڳائي خلق خدا کي آزاري ۽ ڏکوئي رهيا هئا يا هندو ۽ مسلمان جي نالي ۾ پناه وٺي خدا جي بکي ۽ اگهاڙي مخلوق تي ظلم جا جبل ڪيرائي رهيا هئا. ليڪن هن وقت باب الاسلام جي نڪرڻ ڪانپوءِ اهڙن سيني سياسي ۽ مذهبي رهزنن ۽ ڌرم دين ۽ پارٽي جي آڙ ۾ شڪار ڪيڏندڙن جا اڳٽ ڍرا ٿي پيا آهن ۽ کين يقين ٿي ويو آهي ته باب الاسلام جي پڪڙ پڇاڙ ڪان کين نڪي سندن سٽڻون ۽ ڏاڙهيون بچائي سگهنديون ۽ نه وري چوٽيون ۽ ڌوتيون بلڪ هت جيڪو به غريب تي ظلم ڪندو، تنهن جي آبرو جي پڳڙي هوا ۾ اڏامندي رهندي!

رحم، رحمدل تي ٿيندو آهي، ليڪن جيڪي ماڻهو بي رحم آهن، خلق خدا جي عزت ۽ آبرو جا دشمن آهن ۽ غريب جي روٽي ۽ لانگوٽي جا دشمن آهن،تن تي رحم ڪائڻ خلق خدا سان ظلم آهي، خدا جي انصاف واري قانون سان ظلم آهي_ سچ فرمايو آهي خدا جي سچي نبي:_

من لايرحم لايرحم!

( جيڪو ٻين تي رحم نٿو ڪري سو رحم جو مستحق ناهي )

غريب کي معلوم آهي ته غريب تي ظلم ڪندڙ ڪير آهن_ غريب کي خبر آهي ته ڪارخانن جي مالڪ شاهوڪار جي غريب سان ڪهڙي پوي ٿي ۽ ڪيس پتو آهي ته زمينن جا انگريز ساخته مالڪ، جاگيردار ۽ وڏا زميندار ڪيس ڪهڙي نظر سان ڏسن ٿا ۽ غريب کي خبر آهي ته حڪومت جو ظالم ڪامورو ۽ پاپي پوليس وارو زميندار ۽ شاهوڪار جو پڙوو بنجي

ڪهڙي طرح سان غريب جي صفائي ڪري ٿو_ مطلب تہ غريب جا دشمن ڳٽيا پيا آهن ۽ غريب جا ويري سجاتا پيا آهن.

هن وقت ضرورت آهي تہ غريب پنهنجن دشمنن کان آزاد ٿيڻ لاءِ ۽ ظالمن جي چنبي مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي هن ظالمانہ نظام حڪومت کي مڪمل شڪست ڏيڻ لاءِ بهادرانہ مقابلو ڏي .

باب الاسلام غريبن جي همدردي ۾ مضمون لکندي ۽ غريبن جي دشمنن جي ظالمانہ ۽ وحشيانہ ڪاررواين جون ڏچون اڏاري ڇڏيندي ليڪن ظلم تي مڪمل فتح پائڻ ۽ شاهوڪارن زميندارن ۽ ڪامورن جي گڏيل ۽ متحده ظلم جو مقابلو فقط غريبن جي اتحاد ۽ غريبن جي تنظيم سان ئي ڪري سگهجي ٿو تنهن ڪري هن جڳهہ جي بيدار مغز ۽ سجاڳ غريبن ۽ غريبن جي همدردن جو فرض آهي تہ هو غريب جي طاقت کي ڇڙو ڇڙ رهڻ نہ ڏين بلڪ غريبن کي تنظيم ۽ اتحاد جي ڏاڳي م پوئي هڪ ڪن.

جڏهن غريب جي هي تنظيم هاري ۽ مزدور جو هي اتحاد، ڪاسبين ۽ ڪاريگرن جي هي ٻڌي، هٿ سان پورهئي ڪندڙ سفيد پوشن جو هي اتفاق ۽ ننڍڙن ڪامورن ننڍڙن زميندارن ۽ ريزڪي دڪاندارن جي هي آهني ديوار، فولادي عزم ۽ ارادي سان ميدان ۾ ايندي تڏهن سرمايہ داري نظام زمينداري سرشتي ۽ ڪامورڪي دٻاءُ جي ساري عمارت ڏواچي پٽ تي ڪرندي ۽ ظالمن جي هي ساري آبادي پنهنجن مختلف ليبلن سوڌي پنهنجي ظلم جي خود ساختہ عمارت هيٺان دٻجي ويندي ۽ اهو فيصلہ ڪن انقلاب ايندو جنهن ۾ غريب جي قسمت بدلجي ويندي ۽ ظالم کي پنهنجي ظلم جو بدلو ملندو ۽ مظلوم کي پنهنجي محنت جو ڦل ۽ پنهنجو حق!

اسان گهرون ٿا تہ باب الاسلام جو آواز اجايو نہ وڃي اسانجي محنت برباد نہ ٿئي ۽ اهو انقلاب جو باب الاسلام آڻڻ گهري ٿي سو اسان پنهنجن اکين سان ڏسون ۽ تمام جلد ڏسون ليڪن اسانجي اها اميد باب الاسلام جا پنا پوري ڪري نٿا سگهن بلڪ غريب ۽ غريب جي همدردي دنيا جو فرض آهي تہ اسانجي هن طوفاني پيغام ۽ انقلابي سڏ کي ڳوٺ ڳوٺ ۽ گهر گهر



پهچائين تنهن سان گڏ جتي جتي غريبن سان ظلم آهي، تڪليفون ۽ ڏک آهن اهي جلد کان جلد اسان تائين پهچايا وڃن ٿا تہ هڪڙي هنڌ جي غريبن ۽ مظلومن جون ڪيهون ۽ ريهون، ظالم زميندارن ۽ پاپي عملدارن جي قهر جون ڪارروائيون ٻئي هنڌ جي غريبن تائين پهچايون ٿا تہ غريب غريبن جي همدردي لاءِ اٿن ۽ مظلوم مظلومن جي آهن ۽ دانهن تي اها چيخ ۽ پڪار ڪن جو رحمان جو عرش ڏڪي وڃي ۽ عذاب جا فرشتا ظالمن جي سر تي غيظ ۽ غضب سان اچي ڪڙڪن ۽ سندن ظلم سان ڪمايل دولتن ۽ ظلم مان ٺاهيل سربفلڪ محلاتن کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏين.

اسان کي اميد آهي تہ اسان جي هي درد ناڪ صدا غريب لاءِ صور اسرافيل ٿيندي ۽ هو اسانجي هن پيغام کي غنيمت سمجهي پنهنجي اگهور ننڊ مان سجاڳ ٿيندا ۽ هر ڏنڌي ۽ پورهئي وارا غريب پاڻ سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي ظالمن جي سيڻي طاقتن جي مقابلي ۾ اهڙو مضبوط مورچو قائم ڪندا جو سندن قوت کي ڏسڻ شرط ۽ سندن تنظيم ۽ اتحاد تي نظر ڪرڻ شرط سندن دشمنن جا حوصلا پست ٿي وڃن ۽ کين يقين ٿي تہ غريب جي انقلابي طوفان جي مقابلي ۾ سندن ظلم ۽ استبدا جي ڪاغذي ٻيڙي هڪ منٽ بہ سلامت رهي نہ سگهندي!

مظلومو! خدا اوهان جو ساٿي هجي!

(روزانا باب السلام حيدرآباد **22** جنوري 1947